
اکڙين جي پاکرِ
شهمير سومرو

اکڙين جي پاکرڻ

(شاعري)

شهمير سومرو

سرسوتي ساهت گهر

ڊجيٽل ايڊيشن:
2018ع

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ISBN. 978 – 969 – 9873 – 00 – 3

ڪتاب: اکڙين جي ڀاڪر ۾
ليکڪ: **شهمير سومرو**
موضوع: **شاعري**
پهريون ڇاپو: آگسٽ 2013
ٽائيٽل ڊزائين: **رضوان گل**
ڇپائيندڙ: **سرسوتي ساهت گهر ڏوڪري**
ضلعو لاڙڪاڻو
ڪتاب نمبر 10

اسٽاڪسٽ:

* مهراڻ ڪتاب گهر، لاڙڪاڻو * رابيل ڪتاب گهر، لاڙڪاڻو * انٽيل ڪميونيڪيشنز، حيدرآباد * سنڌيڪا بوڪ شاپ، حيدرآباد * سنڌ بڪ ڪلب، نواب شاهه * فرخ ڪتاب گهر سکر * نويد سراج بڪ اسٽور، قنبر * ڪامريڊ بڪ اسٽال، ڄامشورو.

❊ رابطي لاءِ:03133702868 \ 03003428619

Book Name: Akhriyun jey Bhakur men
(Poetry)
Written by: Shahmir Soomro
1st Edition: August: 2013
Published by: Sarswati Sahat Ghar Dokri,
Distt. Larkano
Price/copy: 200

ارپنا

مٺڙي امڙ ۽ بابا سائين کي
جن پرهه جي هير جهڙي
زندگي بخشي
۽ مان
روشنيءَ ڏانهن
روانو ٿي شفق جي ڇانوَ ۾
جهمريون پائي معشوق هوا ۾
جهومندو رهيس.

___ شهمير سومرو

سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن سلسلي جو نئون ڪتاب ”اڪڙين جي پاڪر ۾ “ اوهان اڳيان پيش آهي. هي ڪتاب خوبصورت شاعر **شهمير سومري** جي شاعريءَ جو مجموعو آهي. عبدالغفار تبسم لکي ٿو:

”شهمير سومرو پنهنجن اندر جي اڌمن، ولولن ۽ بي چيني کي هڪ ذميوار شاعر جيان پنهنجي شاعريءَ ۾ سموئڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي آهي ڪنهن ڪنهن جاءِ تي سندس اظهار ڪمال جو آهي هن جي اظهار جي بي ساختگي ۽ اسلوب هن جا بنهه پنهنجا آهن وقت جي اهميت ۽ ذات جي مسلسل مشق يا قربتن ۾ رهي هو وڏيڪ رياضتن سان پنهنجي امرتا جو سفر سقل ڪري سگهي ٿو، سندس خيالن جي پاڪيزگي، فطرت سان هم آهنگي ۽ سوچن جي وشالتا سان گڏ اگر مطالعو بہ زير مشق رهيو تہ ضرور پنهنجي ذات جي سگهہ سان مجتائڻ جو رڻ اڪري پار پوندو.“

هي ڪتاب **سرسوتي ساهت گهر، ڏوڪري** پاران 2013ع ۾ ڇپايو ويو. ٿورائتا آهيون پياري شهمير سومري جا جنهن ڪتاب سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ لاءِ موڪليو.

محمد سليمان وساڻ
مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

پبلشر پاران :

(ڏاڪڻ جي صفائي هميشہ مٿان کان ٿيندي آ)

جپانيءَ ۾ اها عام چوڻي جڏهن اسان عام انساني سماج تي لاڳو ڪنداسين تہ ڳالھ سمجھ ۾ ايندي تہ جيستائين سماج جي رهبري ڪندڙ طبقو درست نہ ٿيندو، ان ۾ بهتري پيدا نہ ايندي، تيستائين سماج ۾ تبديليءَ جو تصور، اياٽپ کان سواءِ ڪجھ بہ نہ آهي چاڪاڻ تہ سماج لاشعوري طور تي سفر ڪندو آهي ان ڪري اتان جا شاعر، اديب، دانشور سماجي ۽ سياسي ڪارڪن سماج جا رهبر ۽ سونهان ٿيندا آهن، جيڪي وقت کان اڳ تبديلي جي لهر کي محسوس ڪندي پنهنجو متحرڪ ڪردار ادا ڪندا آهن. سماج ۾ تبديلي ارتقائي هجي انقلابي، بنهي حالتن ۾ مورخن جي ضرورت کان انڪار نہ ٿو ڪري سگهجي. تاريخ کان پوءِ وارو سڄو دؤر اهو ٻڌائي ٿو تہ تاريخ جي سفر ۾ سماجي حالتن جي تبديليءَ ۾ فرد جو ۽ ان ۾ خاص ڪري باشعور فرد جو اهم ۽ اڻ مٽ ڪردار آهي.

ڏوڪري تعلقي جي ڳوٺ سيد بچل شاھ کان پنهنجو ادبي سفر شروع ڪندڙ شهمير سومرو کي ڪنهن بہ طرح نظرانداز نہ ڪري سگهبو. سندس شاعري پنهنجي ٿهيءَ ۾ انتهائي برجستي ۽ مٺ پري نظر اچي ٿي. شهمير سومرو جي شاعري ڪتابي صورت ۾ آڻي اوهان جي هٿن تائين پهچائيندي اسان کي فخر بہ آهي تہ اميد بہ آهي، تہ اسان جو هي پورهيو ضايع نہ ٿيندو. اوهان جي راين جو هميشہ اوسيئڙو رهندو.

سرسوتي ساهت گهر ڏوڪري

ضلعو لاڙڪاڻو

03 **جون** 2013

ستاءُ

* پبلشر نوٽ 04
* شاعري ـ اجتماعي درد جو فلسفو .... سرمد چانڊيو 10
* تخليق جي آڏار ميجتا جو سفر .... عبدالغفار تبسم 22
* احساس جي گلابي شاعري .... ايوب کوسو 29
* خيال ستارن جيان .... سعيد ميمڻ 32
* سوچن جو سُٽ .... شهمير سومرو 33

1. حمد شريف 37
2. نعت شريف 38

ـ غزل ـ

3. وينگس مرڪي چاهُ اڪين سان ٽاڪي وئي. 41
4. چاهَ جي چانڊاڻ پائي تو گهمان. 42
5. اسان جي وفا نئين رلي ٽي سبي. 43
6. نہ ڪو سنگتي نہ ڪا سرتي اسان جي زندگي آهي. 44
7. گناهہ وائڙا هئا، ثواب وائڙا هئا. 45
8. ريشمي وار سڳيءَ ۾ بند ڪر. 46
9. اوهان ڏي اسان جي وفا ٽيڙ ڪاڏا. 47
10. جيت جو نظريو هار جو نظريو. 48
11. مان دلبر جو، دلبر منهنجو، ڇو ناهي. 49
12. پيار جي احساس کي پاٽي ڏيو. 50
13. هڪڙي اخبار وچائي سمهي پيو آهي. 51
14. پرين تنهنجي وئي ڪان پوءِ وفا جا نيڻ آلا ها. 52
15. سوريم پئي پيارا تسبيح جا داڻا ها. 53
16. اسان جي پيار جا جذبا پرين شفاف رهيا. 54
17. اسان جا خواب برفيلا اسان جا نيڻ پڙڪيلا. 55

18. تو سان گذريون جي ساعتون آهن. 56
19. اسان جي انگ انگ مان ٿو نڪري چنڊ چاھ جو. 57
20. اڪين جي ڪنارن تي لڙڪن جون ٻيڙيون. 58
21. جهوپڙي ۾ وجي ستي آهي. 59
22. تنهنجو ئي سپنو آ اڪڙين جي پاڪر ۾. 60
23. رات جو ساڻ آوارگي ٿي ٻري. 61
24. زندگي ڳوٺ جو ڪچو رستو. 62
25. دڙُ جو ڪڙڪيو تہ چرڪ نڪري ويو. 63
26. هڪ مرڪ جي پاڇي ۾ لڙڪن جا اٿالا هن. 64
27. سفر جو ٽڪُ لهي ويو سڀُ اڪين سان زورَ ڏئي وئي آ. 65
28. پل جلي اندر اسان جو خير آ. 66
29. اوهان جا خواب پنڇي هن اسان جا نيڻ آکيرا. 67
30. گلاب پيي نقاب ٿا اچن پائي. 68
31. تنهنجو هر هڪ غم دوا جهڙو هيو. 69
32. سينهو چنڊ پرپور، پرين جي گهاگهر جو. 70
33. روشني ۽ حيات آ مون لئہ. 71
34. هو جو مون کي پيو ٿو سلجهائي. 72
35. سڏ نہ آ چو ڏسي رهيا آهيون. 73
36. هوءَ آئي تہ جاڳ پيا خير سان. 74
37. نيڻن تي هٿ پرينءَ جي خوابن رکي ڇڏيا. 75
38. هڪ وڻي اهڙي پڙي سان چوڪري. 76
39. جان جانا ملي وئي مون کي. 77
40. چون ٿا سيئي ماڻهو سچ اسان چريا آهيون. 78
41. دل چئي تي هلي پيا آهيون. 79
42. محبوب عاشقن جي آهُنِ جو خيال ڪر. 80
43. هر دم هي دل آتي آهي. 81
44. يادگيرين جي رليءَ تي هي ستارا تو اُڻيا. 82
45. ڪو نہ سوچيو مون تہ ٿيندين ائين تون. 83
46. هو اميراڻيون اڪيون، منهنجون فقيراڻيون اڪيون. 84
47. سفر اسان جو عشق جي دڳن تي جاري آ. 85
48. دوستاڻي مزاج جا آهيون. 86
49. ايڏا نہ درد ڏي تون پٿر نہ ٿي وجان. 87

50. زندگيءَ ۾ وڏو مزو آيو. 88
51. چني تنهنجي چمي ناهي چين کي ننڊ کئين ايندي. 89
52. پيار تنهنجو پرين ڪڪر وانگي. 90
53. اڪيلو جيون پرين ٻه ناهي حياتي ويران ٿي وئي آ. 91
54. پيارُ جڻ سمنڊ سچ جو منظر آ. 92
55. خوشين جي ڪهاڻي حياتي اسان جي. 93
56. منهنجون اکڙيون ڪتابن تي گهمنديون رهيون. 94
57. نيڻ مون سان ملائي ويو. 95
58. اکين ۾ خواب اچن ٿا مسافرن وانگي. 96
59. باهه جي شعلن تي گهر منهنجو هيو. 97
60. افسوس هيل خالي بادل ٻه ڪو نه آيا. 98
61. ڪل خواب پيا آهن مجبور نگاهن ۾. 99
62. هڪڙي مون تصوير رکي چا اندر ۾. 100
63. نوجوانيءَ ۾ گهاوَ جهونا ڏسو. 101
64. هر زخم جي دوا مرڪ تنهنجي مٺا. 102
65. ٿورو هاڻي سڪون آيو آ. 103
66. مٺا ڏيکاريا تو ها وڏا رنگين سپنا. 104
67. چاهت جو اظهار اڌورو رهجي ويو. 105
68. تو سوا هي ڪهڙي آهي زندگي. 106
69. هن چني منهنجي جو ڦاڙي آهي. 107
70. نه مور ڄاڻان خوشي آهي چا؟ 108
71. ڏک وساري مان جي رهيو آهيان. 109
72. اسان جي دعائن جي منزل پرين تون. 110
73. ڦٽ ٿو ڏين چاهت جي هر دم ڇهري تي. 111
74. زندگي تو سواءِ رڻ وانگي. 112
75. خوبصورت خواب جهڙي ڇوڪري. 113
76. ساهه منهنجو صنم تو نپوڙي ڇڏيو. 114
77. درد ونڻ يا درد ڏيڻ ٿو چاهين تون؟ 115
78. اڌورا خواب مليا هن اڌوري ننڊ ملي آهي. 116
79. مينهن ڪٽين لئہ جيئن ٿرماندو. 117
80. نظر اسان جي پياسي جنهن جي نظر اها سا نظر نه آئي. 118
81. هو سڪ منجهان محبوب جنهن مون کي سمايو ساهه ۾. 119

82. اوهان جي ياد اسان کي پئي ستائي ٿي. 120
83. اسان کو نہ ہي ڪا عبادت ڪئي آ. 121
84. هو جواني ۾ هو، مُور جهونو نہ هو. 122
85. شخص هو پاڳل الائي ڪير هو. 123
86. بي وفا سان ايترا ناتا نہ رکُ. 124
87. مون ڪي منزل چيو تنهنجي منزل اچا. 125
88. اسان تنهنجي در جا سوالي سدائين. 126
89. محبوبُ طلب ڪن ٿا اکڙين جا هي اوجاڳا. 127
90. ڏنو جنهن جنهن حسن تنهنجو انهن ڪان دانهن نڪري وئي.. 128
91. تو بن مون کي ٿي تڙپائي چنچل چاندوڪي. 129
92. منهنجون اکيون ڏسن ٿيون محبوب خواب ڏاڍا. 130
93. تنهنجو چهرو گلاب پانيان ٿو. 131
94. اسان جي ٻہ ٻڌ ڪا گذارش پيارا. 132
95. جناب اک ۾. 133
96. تنهنجي تہ در جو منهنجي لئہ بند رهيو ڪڙو آ. 134
97. پرين تنهنجي اکين ۾ شاعري آ. 135
98. محبوب ٿو نهاري پنهنجي حساب سان. 136
99. ادائون اوهان جون اداڪار آهن. 137
100. بندگي جا اثر ٿا وڌن هر گهڙي. 138
101. اوهان جو اسان کي پلائي چڙيو آ. 139
102. خوبصورت ناز نيڻن ۾ هئا. 140
103. تون هئين، هيءَ حياتي پي منڙي هئي. 141
104. اجورو ڏي خدا مون کي هتي ٿورو ثوابن جو. 142
105. مظلوم جي پارت ٿي. 143
106. ساٽا ساٽا نيڻ مزوري ڳولهن ٿا. 144
107. هٿ ادب جا ٻڌي، مون رکي جهول ۾. 145
108. شام پاڇي جئين لڙي وئي زندگي. 146
109. مون کي تنها ڪري ويو جاني. 147
110. جو ڏکَ ڏئي هو کلندو، سوئي مزار تي. 148
111. ڳاڙها، ڳاڙها، شباب پاٽيءَ ۾. 149
112. مان تہ دنيا ۾ يار پيارا تنها ٿي ويو هان. 150
113. پيار وارن کي ڇا ڪندا ماٺهو. 151

114. تون بہ ڏس زندگي فقيرن جي. 152
115. هٿ ڇڏائي دوستيءَ جو رنگ پيلو ٿي ويو. 153
116. يار منهنجي زندگيءَ جو سچ لهندو. 154
117. زندگي گيت هڪ نرالو آ. 155
118. مون ڏٺي هڪڙي مرڪ لڙڪن ۾.. 156
119. منهنجون اکيون ڏسن ٿيون محبوب خواب ڏاڍا. 157
120. اسان کي بہ ايڏو نہ بيوس ڪيو. 158
121. ڏٺو مون يار سپني ۾، ڪيو سي پيار سپني ۾. 159
122. مون کي واپس جو چني قاتل ملي. 160
123. هڪڙو چهرو مون کان مور نہ وسري ٿو. 161
124. سياڻي پرين سان چريو چاهہ منهنجو. 162
125. ٿڪل اکين ۾ هجوم سپنن جو رات ترسيو. 163
126. هڪڙي تاريخ سڏيندي آهي. 164
127. رات ڪائي پئي اڪيلائي. 165
128. ڏنا هن خواب چنڊ جهڙا ڪجن چانڊاڻ جون ڳالهيون. 166
129. بي وفا سان وفا ڪندو آيس. 167
130. خوبصورت لڳل هئي ميندي. 168
131. اکين منجهہ خوابن کي پوکيان پيو. 169
132. لڙڪن جو وسڪار حياتي ٻوڙي ويو. 170
133. رنج پوڙهو پيو ٿو سڪي اس تي. 171
134. تهذيبي ٽڪراءَ جو حامي ناهيان مان. 172
135. تنهنجي نيڻن جي راهہ ۾ آهيان. 173
136. ٽيڪ پٽِ کي ڏئي هو سوچي ٿو. 174
137. هوءَ ڇوري اکين ۾ ڇڏي ٿي وڃي. 175
138. تنهنجي پرچڻ کان اڳ واري تنهائي. 176

شاعري ــ اجتماعي درد جو فلسفو

شهمير سومرو غزل جي ميدان جو پيارو محاڪاتي شاعر آهي. جنهن جي غزل ۾ محاڪات، تخيل ۽ تغزل جا انوکا نمونا، سندس غزل جي سونهن آهن. مٿيان ٽئي عنصر علم بيان ۽ معنىٰ جا عنصر آهن.

شهمير سومرو سنڌي ادبي سنگت جو نقاد شاعر آهي. انفرادي سکيا ۽ اجتماعي سکيا سنڌي ادبي سنگت جي شاعرن ۽ اديبن جو علمي زيور رهيو آهي. سنڌي ادبي سنگت جا سکيا وارا ڪلاس ڪسوٽي جو درجو رکن ٿا. شهمير سومري جو هي غزل جو مجموعو پنهنجي طور تي دستاويز جي حيثيت رکي ٿو.

محاڪات شاعري جي فن ۾ مصوري ۽ منظرنگاري جو نالو آهي. شهمير سومري جي غزل جي محاڪات جو مطالعو ڪريو:

پايل، ميندي، چوڙيون، سرخي ميڙ وٺي،
آئي ۽ پو ناهُ اکين سان ٽاڪي وئي.

غزل جي هن بيت ۾ محبوبا جي سينگار جي منظرنگاري آهي. يا ائين چئجي تہ بدني منظرڪشي آهي. هن منظر ۾ ٻہ زيور جا قسم آهن ۽ ٻن رنگن جا منظر آهن. شاعر جي محبوبا هڪ مرڪز جي حيثيت ۾ آڏو آهي. پايل ۽ چوڙيون سماعتي سرور جو باعث بڻجي ٿور ۽ لوڏ جو منظر چٽين ٿيون، ميندي مٿان سون تي سهاڳي جو ڪم ڏنو. سرخي ان جي سڄي ماحول کي مرڪائي محبوبا کي محبوب بنايو. رنگن وارو بصري منظر، وري شاعر جي محبوبا جو اچڻ، رسامي کي ختم ڪري، ناهہ کي اکين يا نظر سان

ٿاڪي وجڻ جو تخيلاتي استعارو، گڏجي تغزل جو رنگ پري يعني ردم ۽ راڳ کي ايجاد ڪيو. اها آهي منطق جي محاڪات ٻيو بدني منظر:

پنل زلف پنهنجا پرين تو ڇنڊيا پئي!
انهي مهل ڏاڍا هوا ٿيڙ ڪاڏا.

غزل جي هن بند ۾ منظر کان وڌيڪ پس منظر حسين آهي. شاعريءَ ۾ تحسينات جو عمل دخل ڪناياتي هجي يا مشبهه هجي، يا مستعار هجي، اهو سڌن منظرن تي حاوي پئجي ويندو آهي. هتي شاعر جي پرين جو زلفن جي ڇنڊڻ کان زلفن جي پڇائڻ يا پڇڻ وارو پس منظر حاوي پئجي ٿو وڃي. هي منظر ٻن پاڱن ۾ ورهائجي ٿو وڃي. جنهن جو هڪڙو حصو فضائي بنجي ٿو وڃي ۽ ٻيو حصو زميني منظر آهي. شاعر جي پرين وارو وارن ڇنڊڻ جو منظر زميني آهي، جڏهن ته هوا جو ٿيڙ ڪائڻ وارو منظر فضائي آهي. هن منظر کي سماوي ان ڪري نه ٿو چئي سگهجي جو هوا فضا ۾ موجود رهي ٿي. جڏهن ته هي ٻئي ڇهاوي منظر آهن. زلفن جي ڇنڊڻ وارو منظر به ڇهاءَ وارو آهي ته هوا جو ٿيڙ ڪائي ٽڪرائجڻ وارو منظر به ڇهاوي آهي. تنهن ڪري مٿي هن منظر کي بدني منظر سڏيو ويو آهي.

دوستو: تغزل مان مراد صرف غزل گوئي نه آهي. تغزل مان مراد تخيل واري پرواز ۽ ان جو سُر ۽ ردم يعني موسيقي به آهي. ڏسو غزل جو هي انداز:

شهر جي ٻاهران جوڙي، ڪچو گهر پيو نه سگهيس مان،
هي صحرا ۾ اڏيو آ گهر، الائي ڪنهن گلابن جو.

صحرا ۾ گلابن جي تصور سان تخيل جي سُڌ پوي ٿي، جڏهن ته ڪنهن ڳوناٽي جو شهر جي ٻاهران پيو ڪچو گهر نه اڏي

سگهڻ واري ترڪيب تغزل آهي ۽ صحرا ۾ گلابن جو گهر، معنىٰ گلابن جو دائمي تصور تخيلاتي آهي. هن بيت ۾ تخيل ۽ تغزل سان جيڪو موسيقي وارو ماحول جڙيو ٿو، اهو تغزل جي نزاڪت ظاهر ڪري ٿو. صحرا ۾ باغ جو تصور ترڪيب ايجاد آهي. شهر ۾ گهر نہ اڏي سگهڻ جو تصور ترڪيب حسرت آهي. حسرت تغزل آهي ۽ ايجاد تخيل آهي. موسيقي ۾ لاهو ۽ چاڙهو بہ الڳ آوازي عمل آهن. انهن جو وقت سر ڪم آڻڻ وارو عمل فن آهي. اهو شاعراڻو مزاج شهمير سومري کي پنهنجي ٿهي ۾ خاص مقام بخشي ٿو. اجا هڪڙو بند غزل جي تغزل مان:

ديد درزيءَ بہ مون کي موٽائي ڇڏيو،
نند نيڻن جي اهڙي تہ اڊڙي هئي.

نيڻن جي نند جو اڊڙي وڃڻ وارو ترڪيبي انداز شهمير جي ايجاد آهي. ديد يا نظر کان مايوس ٿي موٽي اچڻ واري ترڪيب تغزل آهي. شاعر جي ذهن ۾ جيڪو اختراع هو، جيڪو جاڳ جي صورت ۾ هو، ان اختراع کي ختم ڪرڻ سان نند اچي ويندي. تخيل شاعر جي وهم کي رد ڪري ڇڏيو. جنهن جي ڪري غزل جو مٿيون بند شاهڪار بنجي ويو. اسان کي جيڪو منطق ڪورس ۾ پڙهايو ٿو وڃي، شاعري ان علم ۾ ايجادن جا واڌارا ڪندي ٿي رهي. جنهن جي ڪري شاعريءَ کي سند جو درجو مليل آهي.

شهمير جا غزل تغزل سان ڀرپور آهن. مٿين بند ۾ مايوسي ۽ حقيقت تغزل جو روپ ڌاري موسيقي جي رنگن کي نکاريو. هن سڄي بحث مان خبر پئي تہ ايجادون اهي مادي هجن يا تخيلاتي، پر اهي ٻولين ۾ واڌارو ڪنديون آهن. هاڻي هڪ تمثيلي بند:

مجون ٽا برابر منا ڇَپَ اوهان جا،
گلابي گلن جا بہ سردار آهن.

سنڌي ادب ۾ تمثيل مطابقت کان اعليٰ هجي ٿي. جيئن غزل جي مٿين بند ۾ شهمير ڏني آهي. گلابي گلن سان محبوب جي چپن جي تمثيل آهي. مطابقت آهي صرف رنگت جي، ليڪن گل جي ڄمار هڪ هفتو. جواني يا زندگي هزارين گلن جي ڄمار کان مٿي آهي. شهمير چپن کي گلن جي سرداري جو خطاب ڏئي مطابقت کي رد ڪري ڇڏيو. جيئن ادب ۾ مثال ۽ بي مثال جا لفظ موجود آهن.

مثال مطابقت موجود هوندو آهي، بي مثال مطابقت کان مبرا هوندو آهي. شهمير سومري جي غزل جو هڪ مستعار بيت:

مرڪ تنهنجي خزان جي آ ڳل تي چماٽ،
تنهنجي ٽهڪن سان گل ٽا ٽڙڻ هر گهڙي.

هن غزل جي بيت ۾ شهمير نه صرف محبوب جي مرڪن سان خزان جي موسم کي رد ڪري ڇڏيو، پر ٽهڪن سان پيار جي موسم کي سدا بهار بنائي، بهار جي موسم کي به رد ڏيئي ڇڏيو. هن بند ۾ پيار يا خوشيءَ جي موسم جو ڪو به ذڪر ناهي، هتي صرف ٽهڪن جو ذڪر آهي. ٽهڪ پيار ۽ خوشيءَ جي موسم جا گل آهن. پيار ۽ خوشيءَ جي موسم ڪنايي ۾ پنهان آهي. ائين بهار جي موسم به ڪنايي ۾ لڪل آهي. ان ٻنهي ڪنايتي موسمن مان هڪ موسم مستعار آهي ۽ ٻي موسم مستعار عليہ آهي. شهمير بهار جو استعارو پيار جي موسم کي بنايو.

ايشيائي شاعريءَ ۾ عرب شاعرن جا قصيدا ۽ مثنويون، ايرانين جا دوسخا ۽ غزل، سنڌ ۽ هند جا دوها ۽ سورٺا ٻن ٻن مصرعن واريون صنفون آهن.

اسان جي گهڻن استادن جي راءِ آهي ته غزل صنف ٻن ٻن مصرعن جي سولائيءَ ڪري گهڻو لکي ٿي وڃي. ٿي سگهي ٿو ائين به هجي، پر منهنجي راءِ آهي ته ماحول، مطالعي ۽ سنگت جو

اثر قبول ڪندي، نوجوان دوست غزل طرف وڌيڪ مائل ٿيا آهن. شهمير سومري صاحب سان منهنجون گهڻيون ڪچهريون ته ڪو نه ٿيون آهن. پر شهمير گيت، نظم ۽ وايون به رقم ڪيون آهن. هي دؤر وسيع معلومات جو آهي، تنهن ڪري شاعر حضرات جي گهڻائي گهڻن صنفن لکڻ وارن جي آهي. مان سمجهان ٿو ته شهمير جي طبع غزل ڪي ويجهو آهي، جنهن جي ڪري هن غزل کي وڌيڪ اهميت ڏني آهي. شهمير جو غزل فني طور تي ڏاڍو پختو ۽ پيارو آهي. غزل جي لوازمات کان شهمير چڱي پر باخبر آهي:

سدائين وڇوڙن جي طوفان ٻوڙيون،
الائي ڇو شهمير مرڪن جون ٻيڙيون.

هن غزل جي مطالعي کان پوءِ ڏسجي ٿو ته شهمير سومرو عروض قافيي، رديف ۽ تقطيع ۾ سگهارو شاعر آهي. ان فني پورائي کان هٽي ڪري ڏسبو ته غزل جو موضوعاتي فن به شهمير وٽ ڀرپور آهي. پرين ناهي تڏهن به هو پنهنجا خيال سماج سان اوري ٿو. اها هڪ نمائندي شاعر جي خوبي آهي:

موت جو سيڪ ٿو وجي چڙهندو،
هيءَ حياتي گهڻي پِتي آهي.

علمي بحث ۾ وجبو ته هي فارسي بحر آهي، مرڪب بحر آهي، شهمير جنهن وزن ۾ طبع آزمائي ڪئي آهي، اهو پڳل رڪن تي آڌاريل وزن آهي. غزل جي دنيا ۾ حافظ شيرازي موصوف کان وٺي، شيخ اياز تائين هن وزن جو گهڻو استعمال ٿيو آهي. اها ڳالهه شهمير جي سمجهيل آهي. گهڻي مطالعي جي ڪري اجوڪو نوجوان اسان کان به وڌيڪ با خبر آهي ۽ ڏٺي ڪري اهو شوق جاري ۽ ساري رهي. موت ۽ زندگي جي فلاسافيءَ تي شيخ اياز صاحب جن گهڻو لکيو آهي. گهڻي دليل بازي جي ميدان ۾ شاعراڻا خيال ٿورا

وجي رهندا آهن. ان ٿورن خيالن مان شهمير هي خيال آندو آهي. اهو ٻه هن ڌرتي جو خيال آهي. موت جو سيڪ لڳڻ ۽ حياتي جو پتو ۽ ختو ٿي وڃڻ اسان اوهان جي گهر جي، تر جي ڳالهه آهي، پر شهمير ان خيال جو لاجواب استعمال ڪيو آهي. پنهنجي ڌرتي جي چپي چپي تي شاعر جي نظر آهي. اهو هڪ ڪامياب ۽ سگهاري شاعر جو مثال آهي:

سهڻي! هر ساروڻي تنهنجي،
سيني سان مون لاتي آهي.

بحر تقارب جو هي وزن سنڌي غزل ۾ گهڻو استعمال ٿيو آهي. منهنجو پيارو دوست علي آڪاش اڪثر چوندو آهي ته”شاعر حضرات هن فعلن فعلن وزن ۾ غزل لکن چو تا“۽ هن بند جي پڙهڻ ڪان پوءِ خبر تي پوي ته شهمير غزل جي صديون پراڻي تشهير سان خوب نڀايو آهي.

غزل معنیٰ عورت سان پيار محبت جون ڳالهيون ڪرڻ. هن بند جو پهريون لفظ سهڻي آهي. جيڪو لفظ سونهن مان ورتو ويو آهي. سونهن شاعر جي مجبوري آهي. هن سڄي بند ۾ ڪل نوَ لفظ آهن انهن نون لفظن مان چار لفظ هم قافيا آهن. لفظ سهڻيءَ جو تــز قافيو تنهنجي ٿيندو، پر ساروڻي ۽ لاتي ٻه اندرين قافين ۾ شامل آهن. حالانڪ لفظ لاتي اصل جو قافيو آهي، پر هتي لفظ سُهڻي جي تغزل ۽ موضوع جي ڪري اندروني قافين ۾ هليو ويو آهي. اهو آهي شهمير جي غزل سرائي جو فن. معاف ڪجو ڪڏهن ڪڏهن پيءُ جي سجاڻپ پٽ جي نالي سان ڪئي ويندي آهي. هتي هن بحث ۾ مون اصل ۽ ان جي قافين جي ڳالهه نه ڪئي، پر لفظ سهڻي جي پيار ۽ سونهن ۾ هليو ويس، جتي اصل جي قافيي کي ٻه مجروح ٿيڻو پيو ۽ ثانوي قطار ۾ بيهاريو ويو:

چون ٿا عشق سدائين اتي سڙيو آهي،
جتي هٿن سان حسن باھ پاڻ ٻاري آ.

بحر مجتث ٻـ مرڪب بحرن ۾ شامل آهي. پڳل رڪنن تي آڌاريل هي وزن وڏي ردم ۽ موسيقي وارو آهي. هن بند ۾ عشق ۽ حسن جي مخالف جنس ۽ هستيءَ جو ذڪر آهي. هونئن تہ عشق ۽ حسن لازم ملزوم آهن. عشق ۽ حسن غزل جي رنگينيءَ ۾ لامحدوديت پيدا ڪن ٿا. غزل جي هن بند ۾ عشق ويچارو پتنگ آهي ۽ حسن روشن سَرا شمع جلائڻ وارو. اهو ئي تہ عاشق ۽ معشوق ۾ فرق آهي. حالانڪ غزل جي گائڪي سنڌ ۾ تمام ٿوري آهي، پر جيڪا گائڪي آهي، اها غضب جي آهي. هن بند ۾ شهمير غزل سرائي جو ڀرپور مظاهرو ڪيو آهي. هتي علم هِجا وارو بحث نہ ڇيڙبو، ڇو تہ لفظ حسن سنڌي شاعرن ان ٻيهڪ ۾ استعمال ڪيو آهي:

مينهن شهمير هو نينهن پيي،
نيٺ دامن پُسائي ويو.

بحر متدارڪ کي مسدس ڪري استعمال ڪرڻ وارو تجربو، سنڌ جي مهان شاعر شيخ اياز ڪيو. هاڻي مروج ٿي ويو آهي. غزل جي هن بند ۾ شهمير مسدس رڪن جو استعمال ٻوڙي ڪيو آهي، جيڪڏهن هي وزن مثمن رڪنن تي هجي ها تہ ٻن رڪنن کان پوءِ ڪامان ڏيڻي پوي ها. جيڪا اڪثر سنڌي شاعر ناهن ڏيندا. هن بند ۾ شهمير مصرع اول ۾ تغزل جو جهان ڇلائي پوءِ مصرع ثاني ۾ محاڪات ڀري آهي. اهو غزل جو فن سينئي شاعرن وٽ هڪ جيترو ناهي هوندو:

پروانا ڪل پير ڇهڻ لئہ آتا هن،
پيار جا مون هن ڏيئا ٻاريا اندر ۾.

جيڪا عربن، ايرانين ۽ هند سنڌ وارن جي فني مماثلت جي ڳالهہ ڪري آيو آهيان، ان مطابق هن غزل کي پراڻي دوهي ڇند ۾ موڪليون بہ ڪٽي، پر اهڙن غزلن جي گهٽائي شهمير وٽ ناهي. تنهن ڪري هن غزل کي وري بہ بحر تقارب جي ٻارهن رڪني ترتيب ۾ شامل ڪبو. ڇو تہ هن غزل ۾ رديف وارو پاسو روڪي ٿو تہ هي غزل مردف غزل آهي. هن غزل کي دوهي ڇند ۾ شامل ڪري پنهنجي اڻ ڄاڻائي جو مظاهرو نہ ڪريون. دوهي ۾ رديف نہ ٿيندو آهي.

هاڻي خبر پئي تہ شهمير سومرو غزل جي دنيا جو ڄاڻو شهسوار آهي. جنهن غزل جي هن بند ۾ تخيل، تغزل ۽ محاڪات جو خوبصورت ميلاپ ڪري، پاڻ کي بهترين غزل گو شاعر مڃايو آهي. پنهنجي هن بحث کي ٽيڪو ڏيڻ لاءِ ضروري سمجهان ٿو تہ ٻئي غزل جو بند ڏيان:

اڪثر وينو ٽڌڙا ساهہ پريندو هان،
خوشين جو سنسار اڌورو رهجي ويو.

هاڻي اسان ڏٺو تہ ساڳي وزن وارو هي غزل اجا بہ ڊگهي رديف وارو آهي. ساڳيو ئي بحر تقارب جي ٻارهن رڪنن تي آڌاريل آهي. هڪ صنف کي زوريءَ ڪنهن ٻي صنف تي نہ ٿو مڙهي سگهجي. هاڻي ستاءَ، عروض ۽ ڇند واري بحث کي ڇڏي قافيي ۽ رديف ڏانهن هلون:

درد ونڻ يا درد ڏيڻ ٿو چاهين تون!
منهنجي درد جو سمنڊ ترڻ ٿو چاهين تون.

هن غزل جا سمورا قافيا فعلي آهن، تنهن ڪري تـز آهن. زير، زبر جي ڪري قافين جا اساس يا بنياد هلڪا ڏکيا آهن. هتي اصل قافيو آهي ڏِيَـڻُ ۽ قافيو ثاني آهي تَـرَڻُ، ڏال کي زير آهي ۽

تي ڪي زبر آهي. ”تو چاهين ٿُون! بهترين رديف آهي. اصل قافيي توڙي هينئين قافين ۾ ٿي ٿي آواز يا اچار آهن. جي اول وارو اچارُ اساس ڪري نه ڳڻبو ته سمورا قافيا بلڪل پورا ۽ هر طرح صحيح آهن، پر فعل هجڻ ڪري نه ڪتجن ته معنوي لحاظ کان درست نه هوندا. عربن وٽ علم هِجا جو لحاظ گهٽ رکيو ويندو آهي. ڇو ته تقطيع نالو ئي وڍ ڪٽ جو آهي. تنهن ڪري عروض ۾ اسين به اهو ئي قانون اختيار ڪندا آهيون. قافيي ۽ رديف ۾ اها اجازت ناهي. جڏهن ته اردوءَ وارا خاص لحاظ نه رکندا آهن:

گناهه وائڙا هئا، ثواب وائڙا هئا،
پرينءَ جو پيار جو مليو، حجاب وائڙا هئا!

هن غزل جا قافيا هيري جي چمڪ اختيار ڪري جرڪي رهيا آهن. رديف وري هيري جي پر ۾ ياقوت نماءُ ڪري پوچي رکيو ويو.

شهمير سومري کي اجا گهڻي مشق جي ضرورت آهي. ڪي غزل اهڙا به آهن جن ۾ قافيا ڪمزور ۽ نه ٺهندڙ آهن:

ننڍ استور تان آءٌ آٽي رڪان،
جاڳ چوري اکين ۾ رکي ٿي وڃي.

ڪنهن جي چهري تي ميڪ اپ جا بادل هئا،
ڪنهن جي چهري جي پر سادگي ٿي ٻري.

جديد فلاسافي جا اثر شهمير تي به آهن. جڏهن ڌرتي، پٿر، وڻ ٻوٽا ماحول جو اثر وٺن ٿا، انسان ته انسان آهي. شاعر ته اجا به حساس آهن. ننڍ جو استور تان آٽڻ ۽ چهري تي ميڪ اپ جا بادل، جديد ايجادن جا تحفا آهن. جيڪي پنهنجي پوري اصطلاح سازيءَ

سان اسان جي ٻوليءَ جو حصو بنجي ويا آهن. جيڪا ڳالهه آءُ مٿي بيان ڪري آيو آهيان، توڙي جو شهمير جو گهڻو تڻو ڪلام مشيني اصطلاحن کان پالهو آهي، پر پوءِ به اتي ۾ لونڻ برابر ته اها ڇهراڻ موجود آهي. شاعري هڪ بي ساختا عمل آهي. شاعري جي آمد ٿيندي آهي، ته شاعر شاعري رچڻ کان سواءِ ڪو به ڪم ڪري ئي نه سگهندو آهي. منهنجي هن جملي کي پڙهندڙ حضرات بيماري ڪري نه سمجهن. زندگي جي سفر ۾ الائي ڪيترين ڪيفيتون ماڻهو جو آرام ڦٽائي ڇڏينديون آهن. شهمير سومرو پنهنجي سماج تي گهري نظر رکي ٿو. ان ڪري سندس غزل ۾ موضوعاتي وسعت آهي. نه صرف اهو ۽ ايترو، پر انهن موضوعن کي بيان ڪرڻ جي به وٽس قوت موجود آهي:

سنڌ جا ڳوٺ، شهر، ٻوڏ ۾ ٻڏيون ٻنيون،
سنڌو سنسار وڇائي سمهي پيو آهي.

او مٺي سنڌ، قسم ٿي ربّ جو،
خوني تڪرار سڀڪيءَ ۾ بند ڪر.

ليکڪو! هاڻي قلم جي نوڪ سان،
سچ سندي اتهاس کي پاڻي ڏيو.

آس جي ڳنڍ ٻڌل آ ٽوڙيءَ سان،
ٻوڏ ۾ ڪو ته لڪ پتي آهي.

هِي سنڌي قوم آهي آئينو،
۽ هي اڳواڻ هن پٿر وانگي.

ضمير جن به وڪيو آهي ڪجهه سِڪن عيوض،
وري به تن جا ڏنا سي گناهه معاف رهيا.

اجتماعي درد جو فلسفو، شاعري جي مقصد جو فلسفو، انسان جي سجاڳي جو فلسفو، ڌرتي ۽ ڌرتي وارن جي اذيت جو فلسفو، اهي سڀ مسئلا جيڪي پنهنجي زندگي جا درد آهن، انهن دردن جو ڇوٽڪارو، جيڪو آئيندي جو اتساهه ٿو بنجي، شهمير سومري جي شاعري ۾ موجود آهن. طبقات، قومي ڦرلٽ، فطري طوفان، سهائتا نه ٿيڻ جو ڏک ۽ ٻيا الائي ڪيترا واقعا شهمير جي غزل جو حصو آهن.

قومي ۽ طبقاتي سوال اٿارڻ، انهن مسئلن جو حل، سياسي مسئلو آهي. ليڪن ڪو به شاعر، اديب، تاريخدان، قلمڪار پنهنجي قوم ۽ طبقي کان سواءِ ڇا آهي؟ قومي ۽ طبقاتي مسئلا پوري قوم جا مسئلا آهن. جنهن ۾ سياستدان، اديب، شاعر، استاد، شاگرد، ڊاڪٽر، صحافي، پورهيت، هاري، عورتون، مرد، ٻار، ٻڍا شامل آهن. شهمير سومرو سنڌي قوم جو باشعور فرد ۽ هن ڌرتيءَ جو هڏ ڏوکي پٽ آهي، ان کي پنهنجي فرضن جي چڱيءَ پر ڄاڻ آهي. هڪ درد مند حلالي فرزند وارا فرض نڀائي رهيو آهي.

شاعري سياسي اثرات کان وانجهيل، ڊڪيل يا الڳ ٿلڳ ڪو علمي مورچو نه آهي ۽ نه وري ڪو سياسي پوسٽر آهي. شاعر جي ذات ۽ ڏانوَ ۾ جيڪا ڏک، سور، اڻ برابريءَ واري لهر اٿي نروار ٿي آهي، شهمير سومرو ان سور ۽ درد کي محسوس ڪندي پنهنجي تخيل ۾ آڻي بااثر نموني بيان ڪيو آهي.

شهمير سومرو نهايت حساس ذميوار، نيڪ نيت ۽ باضمير نوجوان آهي، پنهنجي ٿهيءَ جو حسين، جميل اظهار وارو شاعر آهي. غزل جي ميدان جو هي باعمل مجاهد، سنڌ ڌرتيءَ جو سپوت پنهنجي تاريخ کان ٻاهر، لنوائڻ وارو شخص نه آهي. جدوجهد ۽

جفاڪشي وارو هڪ نهايت حساس شاعر آهي. ” اکڙين جي پاڪر ۾“ شهمير سومري جو هيءُ پهريون مجموعو آهي. سَلو اهو پلوءِ جيڪو انگورجڻ سان دل ۽ دماغ کي، اکين ۽ شعور کي راحت بخشي، خوشي ۽ اميد جو احساس ڏياري، سياڻي جو آسرو بنجي. ان حوالي سان سرشار اميد ۽ آس جو هي شاعر، ڪوي هن مجموعي جو خالق سياڻي جو آسرو آهي.

هن جديد ميڊيا جي همت افزائي ۽ پٺ پرائيءَ جو نوجوان شاعرن، اديبن ۽ فنڪارن سان سهڪار هجڻ گهرجي. انهن جا شايع ٿيل ڪتاب پڙري ٿيڻ پڇاڻان ميڊيا تي اچڻ گهرجن.

سرمد چانڊيو

ميراڻي محلو لاڙڪاڻو

11 فيبروري 2013

تخليق جي آڌار ميتا جو سفر

لبنان جي فيلسوف ۽ شاعر خليل جبران جون ڳالهيون نندپڻ ۾ ئي وري وري پڙهندو هوس جو سندس ڪريون ڳالهيون ۽ چيندڙ جملا ڪوڙ ۽ اونداهين جي تز نشاندهي سندس بيانيءَ جو تکو ۽ تيز لهجو مون ڪي ڏاڍو وڻندو هو، آئون ڪلاڪن جا ڪلاڪ ڏينهن جا ڏينهن سندس، زندگيءَ جي نهايت قريب يا قريب ترين مصلحتن ۽ منافقتن ڪي وائکي ڪرڻ، اميريءَ ۽ غريبيءَ جي فاصلن ۽ اميرن يا انهن جي محلن ۾ پلجندڙ خرابيون حتاڪ مذهبي براين جي بہ ديده دليريءَ سان نندا هن جي لکڻين ۽ فلسفي جو جوهر لڳندو هوم.

پادرين، پندتن يا ملان گيريءَ جي رَوشن جا اهي پاسا جن تي تنهن وقت جو ماڻهو پڙڪندي بہ ڊڄندو هو تن تي هو پنهنجي انداز ۾ نهايت جرئتن سان نہ صرف ڳالهائي پر لکتن ۾ بہ گوناگون سچائيون لکي ويو آهي. موت، حيات، سمندن، آبشارن، پکين ۽ ان جي پروازن، دنيا جي مکر ۽ فريب شباب، پيرسني وغيره وغيره مطلب تہ فطرت جي هر حسناڪيءَ ۽ ڪائنات جي گهٽي پاڳي مشاهدن ۽ تجربن جي ڪوڙين مِنين ڳالهين کي غضب سان چٽي ويو آهي ۽ حقيقتن جي نزديڪ تر هئڻ ڪري سندس لکڻين کي اڄ تائين امرتا جو مقام حاصل آهي.

هڪ جاءِ تي لکي ٿو "انسان لاءِ اجتماعي زندگي ايتري ضروري آهي جيترو اهم پکيءَ لاءِ پر هجن تا". هو چوي ٿو تہ اجتماعي زندگيءَ ۾ ورهايل محبت ڪڏهن بہ ختم نہ ٿي ٿئي. ٻيءَ

جاءِ تي هو لکي ٿو تہ ”منافق جي لاءِ دعا گهرڻ دعا جي بي عزتي آهي“.

خليل جبران کي پڙهڻ کان پوءِ زندگيءَ موت جي فلسفي، لفظن ۽ سوچن کي هڪ نئين ۽ انقلابي واٽ ملي ٿي.

هن کي پنهنجن خيالن ۽ لکڻين تي ايترو ويساهہ رهي ٿو جو هو پاڻ ئي چوي ٿو تہ ”اگر منهنجي پيغام ۾ سچائي موجود آهي تہ ان کي مستقبل جي پيشانيءَ تي هميشہ چمڪندڙ ڏسندؤ“ ۽ هن چواڻيءَ تہ ”جيڪو آئون لکان يا چوان ٿو ان تي يقين بہ رکان ٿو“.

هو هڪ هنڌ پنهنجي شاعريءَ لاءِ لکي ٿو تہ ”شعر هڪ عجيب ۽ دلفريب پکي آهي جيڪو فن ۽ فڪر جي اچائين تان اسان ڏي پرواز ڪري ٿو ۽ جيڪڏهن اسان ان جو قدر نہ ڪنداسين تہ هو وري پنهنجي وطن موٽي ويندو“ آئون يانيان ٿو ڪنهن شاعر جون سوچون مشاهدا ۽ ان جو فڪر ئي ان جي ميراث ٿئي ٿو آفاقي شاعري فن کان اڳتي شاعر جي فڪر ۾ ئي نپجي جوان ٿي امرتائن ڏانهن وک کڻڻ لڳي ٿو.

سنڌي شاعريءَ جي عظيم سرجڻهار شيخ اياز هڪ جاءِ پنهنجين يادگيرين ۾ لکي ٿو تہ ”مون کان اهي ڏينهن ڪيئن وسري سگهندا جڏهن سکر ۽ شڪارپور جي وچ ۾ اڪثر سفر ڪندي رستي تي ڪَسِيُن ۾ ڪنول جا گل ٽڙيل هوندا هئا ۽ چوڏاري سارين جي اوبر ۾ ڪنگ، ٽيٽيهر، ٽبڻيون نظر ايندي هيون، جڏهن لري لڳندي هئي ۽ ڊانديئڙن جا آڪيرا ڪندين ۾ خالي لڙڪندا هئا“. شيخ اياز اهڙن منظرن ۽ مشاهدن کي سچائين سان اندر ۾ اوتي پوءِ انهن جو پوري سچائين سان امرتائن جي مُهر هڻي ڇڏي ٿو هو هڪ ٻئي هنڌ لکي ٿو تہ زندگي هڪ اڻ کٽ مطالعو ۽

مشاهدو آهي جن پسندي منهنجين اکين جو جهول ڪڏهن بہ نہ ڀريو آهي.

شاعري جي رنگ برنگي ڪائنات جو ڪينواس نهايت ئي وسيع آهي آئون چوان ٿو تہ انسان جو اندر ۽ سوچن جو محور جڏهن ان وشالتائن ۾ پاڻ گهڙي ۽ گهمي جڏهن ان جا عڪس سچائين سان چٽڻ گهري ٿو تہ سندس قلم ۽ ذات ٻئي مهانتا ماڻين ٿا. ڪوئي ٻي ڪلاڪار جيڪڏهن صرف ئي صرف پنهنجي ڪلا جي آذار هن اربن ماڻهن ۾ جيئڻ ۽ مرڻ بعد بہ هميشگي ماڻڻ جي خواهش رکي ٿو تہ ان کي خداداد صلاحتن کان سواءِ پنهنجي وقت پنهنجيءَ ڪل ڄمار سان اهو وچن ڪرڻو پوي ٿو تہ هو ان جو هر منٽ، سيڪنڊ ان ڪلا کيتر جي سفر ۾ سڪارتو ڪندو ۽ پنهنجو نور بہ ان ڏات جي لاءِ نچوئڻ ۾ نہ هٽرندو تڏهن ڏات جي ديوي ڪجهہ نہ ڪجهہ راضي ٿي ان ڏات ڏٽيءَ جي جهول ۾ ڪي ڪڻا وجهي ٿي.

مرزا اسدالله غالب جون سٽون ياد ٿيون اچن تہ:

دل ڈھونڈتا ہے پھر وہی، فرصت کے رات دن

بیٹھے رہیں تصورِ جاناں کیے ہوئے

غالب اردو شاعري جو وڏو ۽ مستند نالو آهي گهٽ ۾ گهٽ هن جي فڪر فن ۽ اسلوب مون کي ڏاڍو متاثر ڪيو آهي هو جڏهن چوي ٿو تہ ڪيس اهي ئي ڏينهن گهرجن جو صرف ئي صرف يار جو تصور هجي ۽ هو ان جي تصور ۾ ئي ويٺل هجي، ڪيس زندگي جا اهي ئي پل گهرجن تا جنهن ۾ هو ويهي يار جي عڪسن سوچن ۽ هن جي ڳالهين کي ورجائي پنهنجيءَ شاعريءَ ۾ هن جي ادائن، ڪج ادائن کي بيان ڪندي ڪندي هو پنهنجي محبوبا سان گڏ پاڻ کي بہ صرف اندازِ بيانيءَ ۾ ئي امر بڻائي وجي.

هڪ فارسيءَ جو شعر آهي تہ:

علیٰ لصباح ڪہ مردان بڪار کار روند،
بلا ڪشان محبت بهہ ڪوئي يار روند.

ترجمو: اسر جو جڏهن ماڻهو پنهنجن ڪمن ڪارن ڏانهن وڃن ٿا تڏهن پيار جا طالبو پنهنجي پريئَ طرف هلڻ لڳن ٿا.

پيار جي اها طلب جيڪا هيڪر انسان جي اندر ميخون هڻي ۽ پوءِ اهو طالب ساري ڄمار ان محبوب يا طلب جي وصل لاءِ گذاري ڇڏي ۽ مطلوب پنهنجي ڪل عمر ان هڪ طلب لاءِ وقف ڪري پنهنجي اکين کي پير ٻٽائي پريئَ جو پار طلبيندو رهي ٿو تہ اها اکير ڪيس ضرور ابديت بخشي ٿي، طالب جڏهن پٽائيءَ سرڪار هي هنن سٽن جيان محبوب جي مشاهدي ماڻڻ لاءِ جهنگ جبل جهاڳي ٿو، پنهنجن وصل جي ارادن سان ٽڪرن کي پڻ هلان ڪري چوي ٿو:

آڏو ٽڪر ٽڙ، متان روه رتيون ٿئين.
شاه

يا

هلندي هوت پنهونءَ ڏي، آئون پيرين پنڌ ڪنديانس،
پيرن پنڌ ڇڏيو، تہ آئون چيلهہ پر چرندياس،

تہ پوءِ اهڙي "Commitment" انهن ڪردارن تہ نهيو پر پنهنجي محبوب سان گڏ ان پنهونءَ کي بہ امرتائن ڏانهن نئي ٿي.

اسان جو هي ڪوتاگر شهمير سومرو بہ پنهنجين ڪُوتائن آڏار ان ڪيچ مڪران جي پهڻن پيچرن ۽ اٽانگن پهاڙن جو رمتو ٿي پنهنجي من جي آريءَ جو متلاشي رهي ٿو، سندس شاعري ٻڌائي پئي تہ ڪيس ڪا وينگس اکين سان هن ۾ چاهہ تاڪي وئي آهي هو چوي پيو:

وينگس مرڪي چاهه اکين سان ٿاڪي وئي.
مردي ۾ چڻ ساهه اکين سان ٿاڪي وئي.

مُرڪي اکين سان چاهُ ٿاڪڻ يا مردي ۾ اکين سان ساهُ ٿاڪڻ بئي مطلع جون سٽون شاعريءَ جي ڪيتر جو نئون نڪور خيال آهي ۽ پانڪن ڪي اهو نسخو هميشه ياد رکڻ گهرجي ته ورجاءُ موت آهي ۽ تخليق ئي زندگي آهي.

شهمير جي شاعريءَ جون ڪوڙ سٽون، سٽن جو فڪر ۽ تاجي پيٽو بنهه پنهنجو آهي هڪ جاءِ تي هُو فطرت جو عڪاس بڻجي فطرت جي هڪ منظر کي نهايت ئي پنهنجي انداز ۾ هيئن ٿو چٽي:

هي پاڻيءَ تي لهرن جون ٻاريون ڏسو،
لڳي ٿو هوا نئين رلي ٿي سبي.

لهرن جون ٻاريون بلڪل نئين نڪور تشبيهه آهي جا هن جي پنهنجيءَ ذات جي اٽت آهي ۽ جا نهايت وڻندڙ پڻ آهي هو انهيءَ غزل جي هڪ بند ۾ لکي ٿو:

اگهاڙو اسان جو مقدر رهيو،
خدا جي رضا نئين رلي ٿي سبي.

چا ته سهڻن خيالن جي اڏام آهي، مون کي لڳي ٿو ته خليل جبران جي مثال پٽاندڙ هو پنهنجي فن ۽ فڪر جي پکيءَ کي نراس واپس نه موٽائيندو هن وٽ شاعريءَ جو پکي فڪر جي جن اوچائين تان اچي ٿو هو ان کي ئي سگهه سان جهٽڻ جي ڪوشش ڪندو رهي ٿو.

هن جيڪا شاعري مون کي مطالعي لاءِ ڏني سا ساري غزلن تي مشتمل هئي آئون ٻانيان ٿو ته غزل سندس محبوب صنف

آهي ۽ هو غزل ۾ ئي پنهنجن خيالن جي اپٽار شايد ڀرپور ڪري سگهي ٿو ۽ مون سندس غزلن کي پڙهندي سندس تغزل جي رنگ ۽ ڍَانءَ کي محسوس ڪندي اهو ضرور چوندس تہ شهمير پنهنجي ڪيفيتن جي بياني غزل ۾ ئي بهتر ڪري سگهي ٿو جنهن ۾ نازڪ خيالي ۽ ٻوليءَ جي سونهن جهلڪيون ڏئي جهلڪي رهي آهي.

شهمير محبوب جي انگل آرن کان سواءِ پنهنجي ديس پنهنجيءَ ڀونءِ جا نت نوان مسئلا ان جا ڪرب زندگيءَ جي ٻين انيڪ روپن کي بہ شاعريءَ ۾ رقم ڪيو آهي انساني اذيتون مفلسيون، غربتون، ناداريون، ظلم، بي ضميرائپ ماڻهن جا رويا، سماجي اوڻايون هر شاعر جيان پنهنجي ساٿيهہ جي سلامتي ۽ ساٿيهہ واسين لاءِ امن جي طلب سندس اندر کي اٿاهہ آرزو بڻجي اجهو هنن سٽن ۾ هيئن ٿي اڀري:

ٿمن ٿا خوب ڌرتيءَ تي امن جي اڪ منجهان ڳوڙها،
سدائين سوز جي موسم فضا جا نيڻ آلا ها.

او مني سنڌ قسم ٿي ربّ جو،
خوني تڪرار سڀيءَ ۾ بند ڪر.

هو سماج جي ڪريتن کي هڪ باخبر شاعر جيان نشانبر ڪري عام اڳيان وائڪي ڪرڻ جي هيئن ڀرپور ڪوشش ڪري ٿو:

هڪڙي اخبار وڇائي سمهي پيو آهي.
ڪنهن جو هي ٻار وڇائي سمهي پيو آهي.

هٿ مٿي کي تہ حياتي ڏئي پئي روئي،
موت لاچار وڇائي سمهي پيو آهي.

شهمير سومرو پنهنجن اندر جي اڌمن، ولولن ۽ بي چيني کي هڪ ذميوار شاعر جيان پنهنجي شاعريءَ ۾ سموئڻ جي ڀرپور

ڪوشش ڪئي آهي ڪنهن ڪنهن جاءِ تي سندس اظهار ڪمال جو آهي هن جي اظهار جي بي ساختگي ۽ اسلوب هن جا بنهه پنهنجا آهن وقت جي اهميت ۽ ڏات جي مسلسل مشق يا قربتن ۾ رهي هو وڏيڪ رياضتن سان پنهنجي امرتا جو سفر سڦل ڪري سگهي ٿو، سندس خيالن جي پاڪيزگي، فطرت سان هم آهنگي ۽ سوچن جي وشالتا سان گڏ اگر مطالعو بہ زير مشق رهيو تہ ضرور پنهنجي ڏات جي سگهہ سان ميجتائڻ جو رڻ اکري پار پوندو.

دعاگو

ع - غ - تبسم

نئون ديرو

26_فيبروري 2013

احساس جي گلابي شاعري

غزل شاعري جي اها محبوب صنف آهي جنهن کي خاص ڪري دنيا جي انهن سر زمينن وڏيڪ پيار سان پنهنجو ڪيو آهي، جن زمينن عشق ۽ موسيقي سان محبوبائن جهڙي محبت ڪئي آهي. غزل جي خوبصورت صنف کي سنڌ ڌرتي پاران پنهنجو ڪندي، ڪي گهڻيون صديون ناهن گذريون، پر سنڌي شاعرن جنهن روح سان هن صنف کي عشق جا ياڪر پريا آهن، ان مان ائين لڳي ٿو ته ڄڻ غزل جي صنف پيدا ئي هتان ٿي آهي.

اڄ به اسان جي سنڌي شاعري ۾ غزل لکڻ وارن جو ته ڇيهه ئي ناهي، پر جيڪو گلابي ۽ گنگهور غزل سنڌي شاعري کي گهرجي اهو بنهه گهٽ سرجي رهيو آهي. پر صفا ائين به ناهي ته هن يڪسانيت جي وبا ۾ ماٺ ۾ ڪو دل جو، شاعري جو ڪڙو ڪڙڪائڻ وارو ئي ناهي رهيو، ائين ڪونهي! اڃا ڪي پيرا سفر جي ساک ٻڌيل آهن. جوان جذبن سان ٽمٽار اسان جو دوست نوجوان خوبصورت شاعر شهمير سومرو اهو پاڻ ڏي متوجهه ڪندڙ نئون آواز آهي جنهن جي شاعري کي پڙهي هڪڙو نئون اتساهه جاڳي ٿو ڇو جو هن جي شاعري ۾ نئين خيال جو نياپو ملي ٿو:

هر گهڙي هن جو تصور ساڻ آ.
ڄڻ ته مان سرهاڻ پائي ٿو گهمان.

آسماني مئڪدو آهي ڪليل،
ديد ۾ ڳاڙهاڻ پائي ٿو گهمان.

شاعري جو هي بي باڪ لهجو هن جي پيش ڪيل هر خيال کي چٽو ڪري بيهاري ٿو. اکين ۾ ڳاڙهاڻ وجد ۽ عشق جي به علامت آهي ته اوجاڳن جي به وارتا آهي. انئي جي هوا جو احساس ڏيندڙ اهڙا ڪيئي خيال شهمير سومري جي شاعري جي اکين ۾ آهن:

رُسي وئين حشر هيو، حشر ۾ پيي عنايتون،
حساب وائڙا هئا، عذاب وائڙا هئا.

مان دلبر جو، دلبر منهنجو، ڇو ناهي!
من آ صحرا، ساگر منهنجو، ڇو ناهي؟

حساب وائڙا، عذاب وائڙا ۽ منهنجو ڇو ناهي جو سوال شعر جي نئين حسناڪي جو ترجمان آهي. هي نئين لفظيات وٽندڙ آهي، اها تازگي جي نشاني آهي. اهڙي نواڻ شاعري جي انفراديت کي پڌرو ڪري ٿي:

ڪلي ڪڏهن به اسان کو ڪِلي نه ڳالهايو،
اسان جي چاهه مٿان جو رڳو غلاف رهيا.

شهمير سومرو جي غزلن ۾ سادگي ۽ معصوميت پيار جي اجرائي وانگي پاڻ کي پڌرو ڪري ٿي هن جي شاعري ۾ رومانويت ڏاڍي پياري لڳي ٿي جيڪا ثابت ڪري ٿي ته شهمير زندگي جي احساس جو خوبصورت شاعر آهي. هن جي شعرن ۾ جيڪا بيساختگي آهي اها هن جي شاعري جي خوبي ڳڻائي سگهجي ٿي. سني علامت اها آهي ته هن جي شاعري ڳرن فلسفن ۾ ويڙهيل ناهي، اها گل جي مهڪ وانگي پڌري آهي.

شهمير جي شاعري ۾ جواڻي جو هڳاءُ محسوس ٿئي ٿو. اهو هڳاءُ جيڪو ٿهڪن ۽ پازيبن مان جنم وٺي ٿو. صوفي ازم جي پچار به هن جي شاعري جو وڻندڙ رنگ آهي. اهي سموريون سنايون ظاهر ڪن ٿيون ته شهمير جي شاعري ڪي پنهنجي احساس جي مٽي حاصل آهي، ان مٽيءَ مان جيڪو به گهڙو جڙي ٿو، اهو ڇانوَ ۾ رکجڻ جو حقدار آهي:

تنبوري جي تار تي گم ٿي ويندو هان،
من ۾ پٽ جو شاهُ اڪين سان ٽاڪي وئي.

چنڊ جو ساهه منجهي ٿو اپّ ۾،
وارو ڪر وار سڳيءَ ۾ بند ڪر.

شهمير ڪي گهٽيءَ مان ناراض ٿي نه تڙ،
هيڏي وڏي دنيا ۾ بي گهر نه ٿي وڃان.

ڏسڻ ۾ ائين به اچي ٿو ته شهمير غزل جي مزاج سان ٺهڪندڙ موضوع ڪٺي هي سچو پيار جو پورهيو ڪيو آهي. هن جو سنو مشاهدو هن جي شاعري ڪي نواڻ ڏيڻ جو سبب محسوس ٿئي ٿو. شهمير تجربن جي موسم ۾ اجا به گهڻو ڪجهه پنهنجي شاعري ڪي ڏيندو ڇو جو هن وٽ ڏات ۽ ڏانءُ ٻئي آهن جن جو استعمال به هو ڄاڻي ٿو. يقين آهي ته هن جي شاعري جو آئيندو روشن ثابت ٿيندو.

ايوب ڪوسو

اپريل 2013

خيال ستارن جيان

بهترين شاعري جي خوبي اها آهي جو اها سليس ايڏي هجي جو هر باذوق ماڻهو ان کي سولائي سان سمجهي سگهي ۽ جڏهن ان شاعري جي فڪر تي ويچار ڪجي ته ڏاهن کي به ڏندين آڱريون اچي وڃن. شاعري تي ان قسم جو عبور حاصل ڪرڻ لاءِ پاڻ پتوڙيندڙ منهنجو شاعر دوست شهمير سومرو لاڙڪاڻي سان تعلق رکي ٿو.

شهمير علم عروض تي ڪافي عبور رکي ٿو سندس محبوب صنف غزل جي خاص انفراديت نرالا رديف آهن جيڪي سندر قافين سان ملي غزل ۾ انوکو حسن پيدا ڪن ٿا.

غزل ۾ قافيي ۽ رديف جو تعلق انهن پاڙيسرين جهڙو هجي جيڪي هڪ ٻئي کي سهارو ڏين اوپرا يا لاتعلق نه هجن "اچوڪن انسانن وانگر" شعر ۾ قافيو ۽ رديف ملي مفهوم کي وڌيڪ چٽو ۽ واضع ڪن نه کي مبهم بڻائين، شهمير جو غزل ڪٿي ڪٿي مبهم پڻي جو شڪار ٿيو آهي نه ته گهڻي ڀاڱي هن غزل سان سنو نياءُ ڪيو آهي. نرالن قافين ۽ رديفن کان علاوه شهمير جي غزل جون خاص خوبيون آهن دلڪش استعارا، تشبيهون، ۽ مرڪب لفظ مثال طور، خواب پنڇي، نيڻ آڪيرا، بدن الماس ۽ اهڙا الائي ڪيترا مرڪب لفظ، تشبيهون، استعارا ۽ خيال ستارن جيان سندس شاعري ۾ جرڪن ٿا.

سعيد ميمڻ

عاقل

22 **مئي** 2013

سوچن جو سُڪ

مرڪ معصوم هوندي آهي پل اها ننڍڙي ٻارڙي جي هجي يا جهور ڪراڙي جي، پر جڏهن جوانيءَ ۾ "پيارُ" شرارتي مرڪ اپنائي ته زندگي هڪ اهڙي خوبصورت موڙ تي پهچي ويندي آهي جتان جو انوکو جهان ماڻهوءَ جا حواس ئي حيران ڪري ڇڏيندو آهي. ڪنهن خوبصورت ماڻهوءَ جون ادائون ۽ اشارا انسان کي حسين خيالن جي اهڙي جنت ۾ داخل ڪري ڇڏيندا آهن جتي ان خوبصورت ماڻهوءَ کان مليل ڏک به اندلٺ جي رنگن جيان رنگين ۽ من کي ليائيندڙ محسوس ٿيندا آهن، جو ان پل ماڻهو مسئلن جو آسمان مٿي تي کڻي به پنهنجي مٿان بار محسوس نه ڪندو آهي.

1993ع ۾ جڏهن بهار موسم ۾ بند مکڙين پنهنجون ٻانهون کولي گلن جي پتڙين کي ظاهر ڪيو ۽ هوا خوشبوءِ کي ڦهلائي ڪائنات کي پاڪر ۾ پريو ته مون به پهريون شعر لکي سونهن کي ارپڻ چاهيو. ڪجهه ئي ڏينهن ۾ اندر جو لڪل شاعر ظاهر ٿيڻ لڳو ۽ طبيعت ۾ عجيب قسم جي طلسماتي تبديلي اچڻ لڳي. عشق جي آويءَ ۾ پچڻ لاءِ پرين جي گهٽيءَ ۾احساسن جا پير اگهاڙا ڪري پنڌ چڪر ڪٽڻ شروع ڪيم. مزاج ۾ تبديلي ۽ شعرن ۾ سنجيدگي وڌڻ لڳي، بعد ۾ اڪيلائي جو احساس شام جي لهندڙ منظر جيان منهنجي اندر ۾ وڌڻ لڳو. سج لهڻ کان پوءِ تڪڙي

اوندهه وانگر بيقراري بہ من ۾ گهيرو ڪري ويهي رهي. بهتر پانيم تہ ڪٿي شاعرن جي سٿ ۾ پهچي پنهنجي اندر جي ڳالهه اوريان نہ تہ سوچن جو سُٽ مونکي منجهائي ڇڏيندو. تن ڏينهن ۾ سنڌي ادبي سنگت شاخ ڏوڪريءَ جون هفتيوار تنقيدي گڏجاڻيون ٿاڪ مجهند جو منعقد ٿينديون هيون پر مون لئہ اهي گڏجاڻيون گهاٽي وڻ جي ڇانوَ جيان ثابت ٿيون، جتي مون سوچن جي سُٽ کي نوجوان ناريءَ جي زلفن جيان سنوارڻ شروع ڪيو. اتي ئي منهنجي شاعري کي گهڻي آسيس آئي ۽ شعرن جي پرورش پڻ ٿي.

شاعري جي ابتدائي اصلاح استاد خير محمد چنو کان ورتم ادبي سنگت جي سيني دوستن پائرن جيان پانيو پر مختلف وقتن تي لفظن جا لڪڻ بہ لڳندا رهيا. هونئن تہ سنڌ ۾ هزارين لکين شاعر پنهنجي اندر جي جذبن ۽ اڌمن جو اظهار ڪري چڪا آهن پر مونکي سدائين شاعرن جي ان چمڪندڙ ڪهڪشان ۾ استاد بخاري چنڊ جيان نظر ايندو رهيو آهي. انهيءَ ڪري ئي آنءُ سدائين استاد بخاري جي شاعريءَ کان تمام گهڻو متاثر رهيو آهيان.

ڇيو وجي ٿو تہ دنيا ۾ آڱرين تي ڳڻڻ جيترا موضوع آهن جن کي قلم ڌڻين پنهنجي پنهنجي انداز سان اظهاريو آهي. اڻ ڳڻين شاعرن جي قافلي ۾ اوهان پڙهندڙ سڄڻن کي منهنجي شاعري ۾ ممڪن آ ڪٿي ڪو خيال جيئن جو تيئن يا ڪنڊ پاسو ٽڪرائجندي ورجاءَ جو شڪار ملي ڇو جو شاعرن جي تمام وڏي سٿ ۾ پاڻ کي ظاهر ڪرڻ يا پنهنجي موجودگي جو احساس ڏيارڻ ڪنهن بہ طرح ڪاميابي کان گهٽ ناهي.

منهنجي شاعري ۾ اوهان کي ڌرتي، چنڊ، ڪڪر، سونهن، گل، پوپٽ جا موضوع اڪثر ڇرپر ڪندي محسوس ٿيندا. ائين ئي خوبصورت ماڻهن تي موهيندڙ لفظ ميڙي گلابن جي پتڙين جيان نڇاور ڪندڙ منهنجو من بہ سونهن جي رنگن ۾ رچجي ويو. اوچتو

ئي زندگيءَ جي ڳوٺ ڳلي ۾ هڪ درُ ڪليو ۽ شاعري مون ڪي سڏيو. مان زندگي جي اس ۾ ڇانوَ تي پانيم. رات جي اونداهي ۾ چنڊ ۽ ستارن سان پريل آسمان مون ڪي پرينءَ جي چولي جا ستارا ياد ڏياريندو رهيو آهي. ڳوٺ جي ڳلين ڪان سرنهن جي ڦولار ۽ فطرت جو حسن مونکي عشق جي اونهائي ۾ وٺي وجي اتي پهچايو جتي ڏات جي ديوي پنهنجو ملائم هٿ ملائي ڪائنات جو سير سفر ڪرائي شاعري جي شهر وٺي آئي بس انهي پَل ڪان وٺي لکندو، لڇندو ۽ پنهنجي اندر جي اڌمن جو اظهار ڪندو پيو اچان. هن وٺ پڪڙ جي زماني ۾ شاعراڻا احساس رکندڙ شخص بارود جي بوءِ جهڙين رسمن ۾ مسڪرائي جيئڻ جي جستجو ۾ مصروف رهي ٿو، محبتن جا احساس نفرتن جي قيد ۾ پل پل نين اذيتن سان مهاڏو اٽڪائي جيئڻ جو درس ڏين ٿا.

ڪنهن ڪنهن مهل لفظ مسافرن جيان ذهن جي اوتاري تي اچي شاعري جو روپ ڌاري نڪور ڪاغذ تي پنهنجي جاءِ والاري رهيا آهن تہ ڪڏهن وري رنل محبوب جيان ڪيترائي ڏينهن درشن ئي نہ ٿا ڪرائن. هي منهنجي شاعري جو پهريون ڪتاب اوهان سڄڻن جي سهڻن هٿن ۾ لفظن جا رنگ ڪٽي قرب جا ڪشالا ڪٽي پهتو آهي.

منهنجا ويچار شاعريءَ جي صورت ۾ اوهان پيارن جي سامهون آهن، منهنجون خواهشون پوريون ٿين ٿيون باقي حسرتن جي تہ حد ئي ناهي. عيب مون ۾ اڻ ڳڻيا ۽ خوبين جو خال خالي ٽبڪڙا ئي ٽبڪڙا آهي. مونکي اوهان جي پيار پري موٽ جو اوسيئڙو رهندو جيڪڏهن منهنجي شاعريءَ بابت اوهان پنهنجي راءِ جو اظهار ڪندا تہ مونکي تمام گهڻي خوشي ٿيندي.

هن ڪتاب ڪي ڇپائڻ لاءِ ڪافي دوستن پئي همٿايو آهي. ان حوالي سان ڪجھ دوستن مون ڪي اصلاحي رايا پڻ ڏنا آهن،

خاص طور تي سائين رضوان گل، احسان دانش، رضا بخاري، گوهر شيخ، عادل عباسي، نثار شيخ، نظير شيخ ۽ سڄي سنگت جو تمام گهڻو شڪرگذار آهيان. منهنجو هي پيار پريو پورهيو اوهان جي هٿن جي گلابن ۾ آهي اميد ته اوهان کي پسند جي خوشبوءِ ضرور ڏيندو.

شهمير سومرو
مينهل آباد ـ لاڙڪاڻو
موبائيل نمبر 03003428619
ssoomro939@gmail.com

حمد شريف

جتي ڪٿي آ ڪمال تنهنجو نہ آ دنيا ۾ مثال تنهنجو.
رهين ٿو هر هنڌ الله سائين اهو وڏو آ ڪمال تنهنجو.

فقير ۾ تون امير ۾ تون ظهير ۾ تون ضمير ۾ تون،
اوهان جو ڪوئي جواب ناهي پڇي جي ڪوئي سوال تنهنجو.

غفار خالق رزاق باري وهاب واجد حفيظ باعث،
نوانوي نانءَ سيئي پيارا آ نانءُ هر بي مثال تنهنجو.

پوين جي پرچي تہ پل پرين ٿو، پوين ڏمرجي تڏهن بہ ڏئين ٿو،
اوهان جي هستي عجيب آهي اتم عجب آ خيال تنهنجو.

جتي اسان جو عقل ختم ٿئي اتان ڪان قدرت شروع ٿئي ٿي،
رحم ڪرم جي بہ حد ئي ناهي غضب جو آهي جلال تنهنجو.

نعت شريف

نور تي تو لکان روشني ٿي اچي.
منهنجي شعرن ۾ جڻ زندگي ٿي اچي.

نعت محبوب جي شان ۾ تو چوان،
منهنجي ڪاتي ۾ جڻ بندگي ٿي اچي.

روح کي ٿِي ملي بادشاهي وجي،
جسم ۾ جيڪڏهن سادگي ٿي اچي.

باغ ۾ ماڪ سان قلب ۾ ذڪر سان،
درود سان دل ۾ تيئن تازگي ٿي اچي.

مان عمل تو ڪيان سنتن تي صرف،
پوءِ بس پاڻ پاڪيزگي ٿي اچي.

خيال سان خيال عربيءَ حوالي ڪيم،
جڻ تہ معراج تان شاعري ٿي اچي.

ملڻ چاهيو ملي وڃجو، اسان سان درد جي دَرَ تي،
پراڻي ڪا لڳل تختي، اسان جي زندگي آهي.

غزل

جڏهن پئي پرين جي اچي ياد ٿي،
تڏهن سوچ کا نئين رلي ٿي سبي.

هي پاڻيءَ تي لهرن جون ٻاريون ڏسي،
لڳي تو هوا نئين رلي ٿي سبي.

وينگس مرڪي چاهه اکين سان ٽاڪي وئي.
مردي ۾ جڻ ساهه اکين سان ٽاڪي وئي.

رڻ پٽ جهڙا خواب هئا سپ نيڻن ۾،
موج پريو درياهه اکين سان ٽاڪي وئي.

تنبوري جي تار تي گم ٿي ويندو هان،
من ۾ پٽ جو شاهه اکين سان ٽاڪي وئي.

پايل، ميندي، چوڙيون، سرخي ميڙ وٺي،
آئي ۽ پوءِ ناهه اکين سان ٽاڪي وئي.

هٿَ ڪلهن تي ڊاري، منڙو ڳالهائي،
اندر ۾ الله، اکين سان ٽاڪي وئي.

مٿيءَ ذرڙو جيون پنهنجو هو ان ۾،
اپ جيڏو اتساهه اکين سان ٽاڪي وئي.

صوفي سوچن جو مالڪ شهمير هيو،
آفاقي ويساهه اکين سان ٽاڪي وئي.

چاهه جي چانڊاڻ پائي تو گهمان.
دلربا! تو ڪاڻ پائي تو گهمان.

سازشن جي اس تکي آهي گهٽي،
حڪمتي پهراڻ پائي تو گهمان.

نيڻ درشن جا پياسا هن تڏهن،
آس جي آلاڻ پائي تو گهمان.

دل اياڻي هي شهر ٻهروپيو،
آنءُ پنهنجو، پاڻ پائي تو گهمان.

هر گهڙي هن جو تصور ساڻ آ،
جڻ تہ مان سرهاڻ پائي تو گهمان.

آسماني مئڪدو آهي ڪليل،
ديدَ ۾ ڳاڙهاڻ پائي تو گهمان.

اسان جي وفا نئين رلي ٿي سبي.
وري دلربا نئين رلي ٿي سبي.

جڏهن پيي پرين جي اچي ياد ٿي،
تڏهن سوچ کا نئين رلي ٿي سبي.

هي پاڻيءَ تي لهرن جون ٻاريون ڏسي،
لڳي ٿو هوا نئين رلي ٿي سبي.

چمن ۾ حسينن گلن کي ڏسو،
صبح جي فضا نئين رلي ٿي سبي.

ستارا سڄي رات منهنجي مٿان،
ڏئي ڏات ڇا نئين رلي ٿي سبي؟

اگهاڙو اسان جو مقدر رهيو،
خدا جي رضا نئين رلي ٿي سبي.

اها آرزو شل خدا کي وڻي،
سٽن ۾ دعا نئين رلي ٿي سبي.

نہ کو سنگتي، نہ ڪا سرتي، اسان جي زندگي آهي.
خريدي چڻ خزان ورتي، اسان جي زندگي آهي.

صرف هڪ مرڪ جي عيوض ڇڏيان گهوري حياتي کي،
وني ڪوئي وڏي سستي، اسان جي زندگي آهي.

ملڻ چاهيو ملي وججو، اسان سان درد جي درَ تي،
پراڻي ڪا لڳل تختي، اسان جي زندگي آهي.

زماني ۾ ڏُکياسي پئي مسلسل پيار جي پويان،
خبر ناهي ڪٿي پهتي! اسان جي زندگي آهي.

اکيون پوڙهيون ويون ٻڌجي ڪنوارا خواب رهجي ويا،
ڪندر ٻڌجي ويل بستي، اسان جي زندگي آهي.

پري آهي پري رهندو، اهو ئي آسمان ڏسجو،
حقيقت ۾ وري ڏرتي، اسان جي زندگي آهي.

ثوابن کي وساري ۽ گناهن کي چو ميڙيون ٿا،
هتي حالانڪ هيءَ وقتي، اسان جي زندگي آهي.

نہ ڪڏهن چانوَ ڪا شهمير پلجي ڪنهن ڪکر آچي،
الئہ ڪهڙي ڪئي غلطي اسان جي زندگي آهي!

گناهه وائڙا هئا، ثواب وائڙا هئا.
پرينءَ جو پيار جو مليو حجاب وائڙا هئا.

جڏهن جو تون ملي وئين حقيقتون ملي ويون،
سموري زندگيءَ جا خواب وائڙا هئا.

ڏسي ڪلي، ٻلي ملي، چمي ڏنئي ته هوش ويو،
خمار ايترا چڙهيا، شراب وائڙا هئا.

مجيوسي هر گهڙي هتي حياتي امتحان هئي،
سوال سيبتا سيئي، جواب وائڙا هئا.

ذڪر اوهان جو شعر ۾ ڪيم ته سونهن سڏ ڪيو،
ڪلي سڳنڌ اتي ملي، گلاب وائڙا هئا.

رُسي وئين حشر هيو، حشر ۾ پيي عنايتون،
حساب وائڙا هئا، عذاب وائڙا هئا.

حواس ئي حيران ها، ڪلامُ پرُ اثر پڙهي،
خدا جي هن ڪتاب تي ڪتاب وائڙا هئا.

مرڻ جيئڻ جا واعدا ڪيا تو ڪل شهمير سان،
غريب وائڙا هئا، نواب وائڙا هئا.

ريشمي وار سڀڳيءَ ۾ بند ڪر.
منهنجا آزار سڀڳيءَ ۾ بند ڪر.

ڏينهن کي ڏينهنُ، ٽيڻ ڏي ڪجھ پل،
سونهن سرڪار سڀڳيءَ ۾ بند ڪر.

اڄ تہ خواهش کي ڪلڻ ڏي تورو،
اڄ تہ هٿيار سڀڳيءَ ۾ بند ڪر.

يا تہ هر شام ملڻ ايندي ڪر،
يا تہ هر سار سڀڳيءَ ۾ بند ڪر.

منهنجا احساس ٻڏي بي گهر ٿيا،
هاڻي وسڪار سڀڳيءَ ۾ بند ڪر.

مغربي ڍنگ نہ مڙھ مشرق تي،
اهڙا آثار سڀڳيءَ ۾ بند ڪر.

چنڊ جو ساھُ منجهي ٿو اپ ۾،
وارو ڪر وار سڀڳيءَ ۾ بند ڪر.

او مني سنڌ، قسم تي ربَّ جو،
خوني تڪرار سڀڳيءَ ۾ بند ڪر.

اوهان ڏي اسان جي وفا ٽيڙ ڪاڏا.
اسان وٽ اوهان جي جفا ٽيڙ ڪاڏا.

ڀنل زلف پنهنجا پرين تو ڇنڊيا پئي،
انهي مهل ڏاڍا هوا ٽيڙ ڪاڏا.

سدا شام جا پير ميرا ڏناسي،
لٽو سڄ، اوجاڳن وڏا ٽيڙ ڪاڏا.

مني! تنهنجي چاهت نہ ماڻي سگهياسي،
هئا هر قدم تي دعا ٽيڙ ڪاڏا.

ڏسي حال منهنجو دوائن دعا ڪئي،
مگر تون نہ آئينءَ شفا ٽيڙ ڪاڏا.

اميدن جي هٿ سان لکي خونِ دل سان،
تہ سٽ سٽ ۾ جيون_ڪٿا ٽيڙ ڪاڏا.

جيت جو نظريو هار جو نظريو.
پيارُ جڻ راند آ يار جو نظريو.

مان مُنجهي ٿو پوان بادلن کي ڏسي،
تنهنجي زلفن ۾ آ چار جو نظريو.

منهنجو سرُ ٿو وڃي، جي نه ٿو ساريان،
سونهن سينگار ۽ پيار جو نظريو.

عمر گذري وئي مان نه سمجهي سگهيس،
تنهنجي انڪارَ، اقرار جو نظريو.

بي سبب دلربا ڇو الڳ ٿا رهون،
تون به تبديل ڪر ڏار جو نظريو.

سچُ اِهو آ ته ٻيجل ٻڌائي ويو،
راڳَ آلاپَ ۽ تار جو نظريو.

شعر شهمير جا ڪو نه لڳندئي ڏکيا،
ٿورڙو سمجه بس پيار جو نظريو.

مان دلبر جو، دلبر منهنجو، ڇو ناهي!
من آ صحرا، ساگر منهنجو، ڇو ناهي؟

ڪيسيتائين هڪ ڪمري ۾ جيئندس مان،
آزادي، ۽ آڳر منهنجو، ڇو ناهي؟

خواب ڪٺي مان ڪيسيتائين پنڌ ڪيان،
منزل منهنجي، رهبر منهنجو، ڇو ناهي؟

جڏهين هن جي دل چاهي هو پيار ڪري،
وٺندو هن کي ياڪر منهنجو، ڇو ناهي؟

هن کي پوڄيو، هن کي سجدو مون ته ڪيو،
ڪا، نه ڪمي آ، آخر منهنجو، ڇو ناهي؟

سوچيندو آهيان مان حيرت ٿيندي آ،
مان جنهن گهر جو، سو گهر منهنجو، ڇو ناهي؟

اوڙاپي تي ڪوڙ وجي ٿو ڳالهائي،
ذهن هميشه حاضر منهنجو، ڇو ناهي؟

عمر وڃائي پاڻ کي آهي ڳوليندي،
مان مسجد جو، مندر منهنجو، ڇو ناهي؟

پيار جي احساس کي پاڻي ڏيو.
دوستو وشواس کي پاڻي ڏيو.

هير خوشبوءِ کي تلاشي ٿي پئي،
سڀ گلن جي واس کي پاڻي ڏيو.

سچ تہ ڌرتي تي الا اڃلي پيو،
بادلو آڪاس کي پاڻي ڏيو.

ڪربلا جي دؤر مان نڪري اچو،
عام کي ۽ خاص کي پاڻي ڏيو.

ليکڪو هاڻي قلم جي نوڪ سان،
سچ سندي اتهاس کي پاڻي ڏيو.

ٿڙ سڪل وڻ جون ڪهاڻيون ٿو رکي،
سڏ ٻڌي ڪو تاس کي پاڻي ڏيو.

ڪنهن طرح يي درد جا ڳوڙها اگهي،
مرڪندي هر آس کي پاڻي ڏيو.

هڪڙي اخبار وڇائي سمهي پيو آهي.
ڪنهن جو هي ٻار وڇائي سمهي پيو آهي.

پيٽ جو پاڇو ٻہ ڪري هن جي جسم ڪان پاسو،
پوءِ ٻہ ڪا سارَ وڇائي سمهي پيو آهي.

هن جو ماضي ٻہ لڙهي مستقبل ساڻ ويو،
حال بيمار وڇائي سمهي پيو آهي.

ڪيئن ڪري نند هوا درد جي آلاپن تي،
سُرُ جو فنڪار وڇائي سمهي پيو آهي.

هٿ مٿي ڪي تہ حياتي ڏئي پئي روئي،
موت لاچار وڇائي سمهي پيو آهي.

سنڌ جا ڳوٺ، شهر، ٻوڏ ۾ ٻڏيون ٻنيون،
سنڌو سنسار وڇائي سمهي پيو آهي.

اڄ تہ ڇڏيوس سمهي موج پل ڪري شهمير،
مس تہ ڪو پيار وڇائي سمهي پيو آهي.

پرين تنهنجي وئي ڪان پوءِ وفا جا نيڻ آلا ها.
رنو دردن تي زخمن پيءِ، دوا جا نيڻ آلا ها.

ڇڏائي هٿ جدائي ڏئي هليو وئين شام جي ويلي،
تڏهن پيارا ڏکڻ واري هوا جا نيڻ آلا ها.

زماني پيار کي چاڙهيو جدائي جي صليبن تي،
روئي صدما پيا سارا سزا جا نيڻ آلا ها.

نہ منهنجا ڪنهن اگهيا ڳوڙها خدا جي هن خدائي ۾،
سوالي ٿي خدا ڏي ويا، صدا جا نيڻ آلا ها.

مصر جي شهر ۾ پهچي جڏهن يوسف وڪاڻو هو،
تڏهن سچ پچ خدا ڄاڻي بها جا نيڻ آلا ها.

رکي اهڙي طرح بيجل پڳو سرَ جي صدا سرُ ۾،
جو سرڙُو ڏياچ ڏئي وينو ڪلا جا نيڻ آلا ها.

ٿمن ٿا خوب ذرتيءَ تي، امن جي اک منجهان ڳوڙها،
سدائين سوز جي موسم فضا جا نيڻ آلا ها.

نہ تو مون کي ڏني چاهت نہ دنيا ڪا ڏني آٿت،
دعا شهمير بيوس هئي دعا جا نيڻ آلا ها.

سوريم پئي پيارا تسبيح جا داڻا ها.
سڀ لڙڪ اکين وارا تسبيح جا داڻا ها.

ڏک آهي ذهن ۾ مان بلڪل نہ سگهيس پوئي،
تنهنجا گهڻا اشارا تسبيح جا داڻا ها.

تنهنجو اسم مبارڪ ساهن جو وردُ آهي،
۽ ساهہ منهنجا سارا تسبيح جا داڻا ها.

ڦرندا رهيا سدائين سڀ وقت جي هٿن ۾،
سج چنڊ ۽ ستارا تسبيح جا داڻا ها.

يا ربَّ وطن جا ماڻهو آزاد ڪاتي آهن،
جڪڙيل سيئي ويچارا تسبيح جا داڻا ها.

سمجهي اسان عبادت چوريا پئي چپن تي،
او سنڌ تنهنجا نعرا تسبيح جا داڻا ها.

تو ڪان مليا چمي سڀ شهمير سيني لايا،
محبوب سور سارا تسبيح جا داڻا ها.

اسان جي پيار جا جذبا پرين شفاف رهيا.
تڏهن پيي ساري زماني جا اختلاف رهيا.

ڪلي ڪڏهن ٻه اسان کو ڪِلي نہ ڳالهايو،
اسان جي چاهه مثان جو رڳو غلاف رهيا.

اسان تہ چاهيو هيو پيار جون وسن ڪريون،
وسڻ پڳو ئي نہ ڪرين جا اعتراف رهيا.

اسان اڪيلا رهياسي سڄي حياتيءَ ۾،
سمورا پنهنجا تڏهن پيي ڏنم خلاف رهيا.

ضمير جن ٻه وڪاڻو آ ڪجهہ سڪن عيوض،
وري ٻه تن جا ڏنا سي گناهہ معاف رهيا.

اسان جي دؤر جا ماڻهو ٻه اهڙا خلقئي خدا،
اندر جا ڪارا مگر ٻاهران هُو صاف رهيا.

اسان جا خواب برفيلا اسان جا نيڻ پڙڪيلا.
اسان سان پيار جون ڳالهيون ڪري اک ڪول شرميلا.

اسان ڪي ڪجھ تہ شابس ڏي ٿڪائي پير پھتا هون،
هزارين عشق جا رستا مگر سڀ ٿوٽ پٿريلا.

اوهان جي شهر جا ماڻهون ڏنگن ٽا نانگ بڻجي سڀ،
پيا ٽا زهر اوڳاڇن مزاجن جا سيئي پيلا.

سموريون رنجشون ميڙي ائين دل کي سجايو آ،
پکي جيئن آشياني لئہ ڪندو آ گڏ ڪٽي تيلا.

محبت ۾ مزو آهي مزي ۾ وقت گذري ٿو،
سڄڻ ٽا پيار ۾ جيڪي انهن کي پيٽ ۾ وِيلا.

تو سان گذريون جي ساعتون آهن.
بس، اهي ئي عبادتون آهن.

پاڻ کي مان نواب ٿو سمجهان،
درد جون سڀ رياستون آهن.

ڪجهہ نہ ورتو آ، بس ڏنو آ تو،
ڪوڙ تنهنجون عنايتون آهن.

تنهنجون تصويرون مون سان گڏ نڪتل،
جڻ وفاقي وزارتون آهن.

واعدي تي نہ پهچي سگهيو آن،
تو کي ڪيڏيون وضاحتون آهن.

روز ديدار لئہ ڪٽان خطرو،
چو تہ ڳنڀير حالتون آهن.

رنگ پيلو ۽ نيڻ اوجاڳيل،
عشق جون هي علامتون آهن.

اسان جي انگ انگ مان ٿو نڪري چنڊ چاھ جو.
اوھان جي دل ۾ ڇو نہ ٿو ڪو اڀري چنڊ چاھ جو.

ڏھاڙي آسمان ڏي اسان جي عشق جو پرين،
ٿو روشنيءَ جا پرَ وجھي ۽ اڏري چنڊ چاھ جو.

بچاءَ لئہ ڏنو اتم رکي ٿو داغ پاڻ ۾،
متان ظلم ڪري وجي ڪو نظري چنڊ چاھ جو.

ڀلي ڪو ڪوششون ڪري زماني ۾ ھزار پرَ،
نہ قيد ٿو ڪري سگھي ڪو پڃري چنڊ چاھ جو.

پيار جي پياس ٿي اوھان کي ٻي ڪا آس ٿي،
خدا ڪري اوھان جي دل مان گذري چنڊ چاھ جو.

حيات جي تڏھن صفا وڃي بدلجي مند ٿي،
جڏھن بہ ڪنھن جي من اندر ٿو نسري چنڊ چاھ جو.

اکين جي ڪنارن تي لڙڪن جون ٻيڙيون.
۽ ساگر ۾ ڦٽڪن ٽيون سڏڪن جون ٻيڙيون.

حياتي سڄيءَ ۾ ڪڏهن پيي نہ پهتيون،
چپن جي ڪنارن تي ٿهڪن جون ٻيڙيون.

خبر ناهي ڪيسين اجا تائين رهنديون،
هي جيون ڪنڌيءَ تي بہ الڪن جون ٻيڙيون.

ڇڏي ٿر الائي تہ ڪيڏانهن وجن ٿيون،
پريل آسمان تي هي ڪڪرن جون ٻيڙيون.

جڏهن سمنڊ دامن ۾ سج کي لڪايو،
وني ياد آئي ڪي دردن جون ٻيڙيون.

پرين سڙهہَ ڇوڙي خوشين جا هليا ويا،
ڇڏي ويا هتي صرف صدمن جون ٻيڙيون.

سدائين وچوڙن جي طوفان ٻوڙيون،
الائي ڇو شهمير مرڪن جون ٻيڙيون.

جهوپڙي ۾ وڃي ستي آهي.
گهگهه اوندهه ۾ هوءَ ٻتي آهي.

خواب لولا ڪري پچائي ٿي،
نينگري نينهن ۾ تتي آهي.

هيءَ دنيا سڄي دڙي جهڙي،
هوءَ موهن جي مورتي آهي.

وار هن جا سڳيءَ ۾ قابو هن،
بند خوشبوءَ جي ٻولتي آهي.

آس جي ڳنڍ ٻڌل آ ٽوٽيءَ سان،
ٻوڏ ۾ ڪو ته لڪ پتي آهي.

زندگي ۾ پيو نيائيندو،
درد سان خوب دوستي آهي.

موت جو سيڪ ٿو وڃي چڙهندو،
هيءَ حياتي گهٽي پتي آهي.

تنهنجو ئي سپنو آ اکڙين جي پاڪر ۾.
تنهنجو ئي نالو آ چپڙن جي پاڪر ۾.

هر ساهه ۾ ائين تنهنجي هڪ سار سمايل آ،
سرهاڻ رهي ٿي جيئن گلڙن جي پاڪر ۾.

غمگين پکيءَ سوچيو بس ڏور اڏي وڃبو،
ڪجهه هير سهيڙي اڄ پرڙن جي پاڪر ۾.

هن ساري گلشن ۾ هڪڙو ئي گل آهي،
هڪڙو ئي پوپٽ آ گلڙن جي پاڪر ۾.

لڙڪن مان لڙهي نڪران ڏي پيار تہ مان مرڪان،
آ وقت گهڻو گذريو ڏکڙن جي پاڪر ۾.

هر وقت رهين آجو هر درد الم کان تون،
تو لاءِ دعا آهي هٿڙن جي پاڪر ۾.

رات جو ساڻ آوارگي ٿي ٻري.
ڏوھ ڪائيون ڪيم بندگي ٿي ٻري.

درد سڀ خاڪ ھن سونھن شعلا ڏسو،
عشق ٿاندٻن تي اڄ تازگي ٿي ٻري.

ڪو دنيا ديڳ ۾ ٿو پچائي اجاءِ
وقت جي چلھ اندر زندگي ٿي ٻري.

رات جو ڪنھن ڦٽي ڪئي اچي دير سان،
گند جي ڍير تي زندگي ٿي ٻري.

جھڙ جيان خواب ھا پر نہ مون وٽ وسيا،
رڃّ نيڻن اندر تشنگي ٿي ٻري.

ڪيرُ آ جاڻ ڪر ھن ھوا جي اندر،
ڪو تہ آ جنھن جي موجودگي ٿي ٻري.

ڪنھن جي ڇھري تي ميڪ اپ جا بادل ھئا،
ڪنھن جي ڇھري جي پر سادگي ٿي ٻري.

زندگي ڳوٺ جو ڪچو رستو.
تون جدا ٿين ته مون وجي ورتو.

پيار جي سمنڊ مان تري نڪتو.
زندگي غم ونڻ جو ڇڻ ڪشتو.

هٿ مٿان هٿُ رکي ڏنو گل تو،
ٿي حياتي رنگين گلدستو.

دوستي، پيار، چاهه پنهنجائپ،
سڀ جو سڀ اوچتو ٿيو ابتو.

مان فقيريءَ ۾ ويس گم ٿي،
هو اميري جي ڊوڙ ۾ ڦٽو.

درد ئي ٽيڪ ڏئي وٺي آيا.
موت تائين ته طاري هو سڪتو.

درُ جو ڪڙڪيو تہ چرڪ نڪري ويو.
درُ جو کوليو تہ چرڪ نڪري ويو.

هن جو چهرو اکين کان اوجهل هو،
هن کي ڳوليو تہ چرڪ نڪري ويو.

مان پرينءَ سان پيار پيو چاهيان،
عشق جهڙپيو تہ چرڪ نڪري ويو.

مان هوا سان هُتان هليو آيس،
باهہ پڪڙيو تہ چرڪ نڪري ويو.

گهر جي پرسان خدا جو گهر آهي.
قهر ڪڙڪيو تہ چرڪ نڪري ويو.

سچ اهو آ تہ دار تي مرڪي،
سچ جو لڙڪيو تہ چرڪ نڪري ويو.

مون کي روئڻ بہ ڪو نہ ٿي آيو،
هو جو مرڪيو تہ چرڪ نڪري ويو.

هڪ مرڪ جي پاڇي ۾ لڙڪن جا اٿالا هن.
جيون جو سفر اوکو هر گام ڪشالا هن.

بيمار تمنا جا ڳل پيلا اڳي ئي ها.
رنجش جا وري آندا چاڪاڻ تو پالا هن.

اس تيز، تپي صحرا قدرت جو ڪمال آهي،
هڪ سمنڊ مٿان ايڏا ڇا لاءِ جهڙالا هن.

هڪ چنڊ بڻيو ساقي ۽ جام ستارا هن،
ٿي ذات پيئي هر هر هي ڪيف نرالا هن.

تون چنڊ ڏسي مون کي حيران ٿئين ڇو ٿو،
سينو تہ پيو چمڪي زخمن جا اجالا هن.

شهمير دنيا هن ۾ مشڪل آ ڪلڻ تنهنجو،
دامن بہ پنل آهي احساس پيي آلا هن.

سفر جو ٽڪُ لهي ويو سڀُ اکين سان زورَ ڏئي وئي آ.
چمي منهنجون اکيون ڳاڙهيون چپن سان زورَ ڏئي وئي آ.

هي منهنجو عشق بي صبرو پرين جي پيار لئہ تڙپي،
تہ هوءَ مرڪي ڏسي سهڻي حسن سان زورَ ڏئي وئي آ.

خيالن جي خلائن ۾ اڏان ٿو آنءٌ خوش آهيان،
ٻنهي منهنجي هٿن کي هوءَ هٿن سان زورَ ڏئي وئي آ.

مان سوچيان ٿو تہ سوچن کي وري هڪ سوچ تنهنجي ئي،
ڳلي لائي ڪري پنهنجو ذهن سان زورَ ڏئي وئي آ.

مچي فطرت ۾ وئي هلچل اچي وئي روح کي راحت،
قرارن ۾ پيو آهيان بدن سان زورَ ڏئي وئي آ.

وڏي عرصي کان پوءِ مس ٿي بهارن ۾ بهاري آ،
هوا خوشبوءِ کي ڦهلائي گلن سان زورَ ڏئي وئي آ.

پل جلي اندر اسان جو خير آ.
خوش هجي دلبر اسان جو خير آ.

وچ بسنتي هير هن ڏي هوريان،
هيڏي ڏي اوٺر اسان جو خير آ.

هن جي زلفن کي هوا تون تنگ نہ ڪر،
هيڏي اچ تنگ ڪر اسان جو خير آ.

سونهن ٿي سيڪا وٺي پئي سيءَ ۾،
عشق تون پيو ٻرُ اسان جو خير آ.

سونهن کي انئي پهر تحفظ کپي،
ڇا بہ ٿي هر هر اسان جو خير آ.

هن مزو ورتو مينهوڳيءَ مند جو،
پيو ڍهي جي گهر اسان جو خير آ.

اوهان جا خواب پنڇي هن اسان جا نيڻ آکيرا.
اسان جي چاهه جا ڏسندين پرين چوڦير تون ديرا.

اکيون نيلم جيان تنهنجون ۽ چپ ياقوت جهڙا هن،
بدن الماس ڏند هيرا، ڏسي اڄ هوش ٿيا خيرا.

سڏي سيني پرين لاتو سين ماٺهن اکيان مرکي،
ڏکن جي کن مهٽ تي وئي ويا سپ سور تي سيرا.

زماني جون بڻيون رسمون اسان جي لئه شڪاري هن،
اسان کي اڄ به ڳولهن ٿيون، اسان آهيون ته جڻ ڳيرا.

اڏيو سي پيار جو جهوپو اٿيا طوفان رنجش جا،
بچايوسين محبت کي وفائن سان سوين پيرا.

ڦٽي هٿڙن سان ڏئي جڏهين ورائين وار پاسي تي،
چڏي گلڙا اچن پوپٽ ڏين زلفن مٿان ڦيرا.

عبادت خوب ٿي شهمير جيون جي سفر ۾ آ،
ڪيا سجدا اتي جاتي ڏناسي حسن جا پيرا.

گلاب ۾ نقاب تا اچن پائي.
ثواب ۾ نقاب تا اچن پائي،

ڏسان تہ ڪيئن ڏسان ڀلا حسن تنهنجو،
حجاب ۾ نقاب تا اچن پائي.

.لڪي لڪي اسان جي ننڊ ٿي روئي،
خواب ۾ نقاب تا اچن پائي.

قدم قدم ملي پيو نئون دوکو،
عذاب ۾ نقاب تا اچن پائي.

سوال سوچ ۾ هئا تعجب آ،
جواب ۾ نقاب تا اچن پائي.

عجيب شهر جو رواج آ هتڙي،
جناب ۾ نقاب تا اچن پائي.

تنهنجو هر هڪ غم دوا جهڙو هيو.
تنهنجو مرڪڻ پڻ شفا جهڙو هيو.

ڏار تو کان ٿي ڪئين زنده رهان،
تو سوا جيئڻ سزا جهڙو هيو.

مان چڪر ڏيندو رهيس ديدار لئہ،
تنهنجو گهر مرووصفا جهڙو هيو.

تون حسن هئين حڪم تنهنجي تي هليس،
عشق منهنجو التجا جهڙو هيو.

زندگي دولت هئي ڪل پيار جي،
موت ان تي ازدها جهڙو هيو.

ان بہ پڇتايو حياتيءَ ۾ ڏنم،
جنهن جو رويو ئي انا جهڙو هيو.

پيار وارن جي بُڪي پئي شام جو،
شفق جو رنگ پڻ حنا جهڙو هيو.

سينهو چنڊ پرپور، پرين جي گهاگهر جو.
چانڊوڪي جڻ نور، پرين جي گهاگهر جو.

ماٺهن جو، موسم جو، ربّ شل خير ڪري،
لوڏو آ مغرور، پرين جي گهاگهر جو.

هر عاشق جو مٺ بند جڻ ساهه هجي،
پنڌ گهڻو آ ڏور، پرين جي گهاگهر جو.

گهاگهر ۾ ڇلڪي ٿو جلوو چاهت جو،
من ۾ پئي ٿو پور، پرين جي گهاگهر جو.

سنڌوءَ جي سر تي آ پاڻي سونهري،
سمنڊ سڄو مجبور، پرين جي گهاگهر جو.

منڙو ميوو پاڻي آهي ڪوهيءَ جو،
قطرو قطرو ٻور، پرين جي گهاگهر جو.

روشني ۽ حيات آ مون لئہ
سانوري ڪائنات آ مون لئہ

زندگي جي تہ سپني سپنن جي،
هوءَ ئي حاصلات آ مون لئہ

هوءَ ايندي آ گهر تہ پوءِ هوندي،
چڻ تہ شب برات آ مون لئہ

لوڪ طعنن جا جهولا هڻندو آ،
مرڪ هن جي قنات آ مون لئہ

ڪا دوا ڪو اثر نہ ڏيندي آ،
هن جو پهچڻ نجات آ مون لئہ

سچ اهو آ تہ هن سوا شهمير،
هر گهڙي واردات آ مون لئہ

هو جو مون کي پيو تو سلجهائي.
درد ۾ پاڻ کي تو الجهائي.

وقت ڪنهن سان نہ ڪئي پلائي آ،
وقت تنهنجي عمر بہ تو کائي.

زندگي جاڳندي گذاريان ٿو،
ننڊ ۾ خواب تنهنجو تڙپائي.

تون نہ آيو آن منهنجي گهر جو درُ،
سرُ پيو پٽ سان يار ٽڪرائي.

منهنجي حالت عجيب حالت آ،
سورُ سؤ سؤ دفعا ٿو ڦٽڪائي.

آءُ سڪرات ۾ گذاريان ٿو،
روح کي يار وڃ کو ريجهائي.

رنجشون شرم ۾ مري وينديون،
پيار کي جيڪڏهن کو ڦهلائي.

سار جي ٻوڏ جو ستايل هان،
دل جي خيمي ۾ ڪير ترسائي.

سڏ نہ آ چو ڏسي رهيا آهيون.
سڀ تماشو ڏسي رهيا آهيون.

پيار جا پرَ ڦٽن ٽا جنهن کي پيي،
تنهن جو لاشو ڏسي رهيا آهيون.

ويجَ ڪاڏي مري ويا آهن،
مرضُ خاشو ڏسي رهيا آهيون.

هو پيو ٽو امن کي ڳڙڪائي،
ديوُ پاڇو، ڏسي رهيا آهيون.

منتشر پيار ٽي ڪري دنياء
هي بہ شوشو ڏسي رهيا آهيون.

روح ٽو تاسَ ۾ ٻڏي پنهنجو،
لاڙ، ڪاڇو، ڏسي رهيا آهيون.

ڪو سياسي يڪو ٽو ڪيڏائي،
پاڻ باشو ڏسي رهيا آهيون.

دل پشوري ڪري هليو وجبو،
سرگسي شو ڏسي رهيا آهيون.

هوءَ آئي تہ جاڳي پيا خير سان.
سک گهٽائي تہ جاڳي پيا خير سان.

ڪوڙ جيئڻ جا جذبا پرين تو جڏهن،
اک ملائي تہ جاڳي پيا خير سان.

تارين تي رکي ڪنڌ سمهي گل پيا،
هير آئي تہ جاڳي پيا خير سان.

خواب نيڻن ۾ پاسا ورائي ٿڪا،
ننڊ آئي تہ جاڳي پيا خير سان.

موت جي ننڊ ۾ ڪل ستل درد ها،
ٿي جدائي تہ جاڳي پيا خير سان.

ٻانهن وارا ڪنگڻ ٻئي ڪرائي جڏهن،
تو ورائي تہ جاڳي پيا خير سان.

نيڻن تي هٿ پرينءَ جي خوابن رکي ڇڏيا.
جڻ سڀ گناهه منهنجا ثوابن رکي ڇڏيا.

مون لاءِ ڪيئن رنو هئين مون کان پڇي متان،
اکين ۾ چند ڳوڙها جوابن رکي ڇڏيا.

محفل ۾ ٿهڪ جهومي خوشيون ڪندا رهيا،
سڀ درد منهنجا ويڙهي ڪتابن رکي ڇڏيا.

اکڙين ڪيا اشارا ايڏا تہ ها ڏکيا،
پنهنجي حصي ۾ سيئي حسابن رکي ڇڏيا.

محبوب اوچتو جو مرڪي وري ڏٺو،
پنهنجا جهڪائي ڪنڌ حجابن رکي ڇڏيا.

هن يار هڪ دفعو ڇا مرڪي نهاريو،
منهنجي اڳڻ ڏي پنڌ گلابن رکي ڇڏيا.

مدهوش مئڪدي جو ساقي ٽڙي ڪريو،
پنهنجا خمار توڙي شرابن رکي ڇڏيا.

هڪ وٽي اهڙي پڙي سان چوڪري.
هنيانءُ بوڙي وئي گهڙي سان چوڪري.

هوءَ سمبارا لڳي تي پاڻ کي،
تي رکي تعلق دڙي سان چوڪري.

رات اڀ تي چنڊ پي چرکي پيو،
تنهنجي هڪڙي اولڙي سان چوڪري.

نينهن جو ناتو گهڻو مضبوط تي،
ڏي ڪڙي پنهنجي ڪڙي سان چوڪري.

سڌ نہ پئي ڪا مان مزي سان ويس مري،
تو ڪنو مرڪي، ڦڙي سان چوڪري.

رڻ حياتي آهي هن شهمير جي،
تون وسي پئہ وڏ ڦڙي سان چوڪري.

جانِ جانا ملي وئي مون کي.
منهنجي معنىٰ ملي وئي مون کي.

خوش ٿيو هئين ڪسي خوشي مون ڪان،
او زمانا ملي وئي مون کي.

زندگي ڪو نہ هئي ملي مون کي،
معجزانا ملي وئي مون کي.

مان دعا لاءِ هٿ کڻان ڇا ربّ،
هر تمنا ملي وئي مون کي.

هوءَ جيڪا هئي حصو منهنجو،
سورنهن آنا ملي وئي مون کي.

روشني پيار جي هميشہ لئہ،
دوستانا ملي وئي مون کي.

هن جي طبيعت نفيس پوپٽ جيئن،
شاعرانا ملي وئي مون کي.

چون ٿا سيئي ماڻهو سچ اسان چريا آهيون.
اسان جي عاشقيءَ ڪان بچ اسان چريا آهيون.

اسان جا نيڻ چنبڙي نہ پوَني ڇهري تي،
نقاب لاهي تون نہ اچ اسان چريا آهيون.

او چندِ تو کي ڄاڻ ناهي منهنجي طبيعت جي،
تون روشني کڻي نہ مچ اسان چريا آهيون.

اسان جو مست عشق آ، ۽ مست هن نظرون،
سياڻو ٿي پرين نہ نچ اسان چريا آهيون.

اسان جي عشق ڪان پڇڻ سکيو پتنگن آ،
نہ ٻار سونهن جو تون مچ اسان چريا آهيون.

دل چئي تي هلي پيا آهيون.
زندگيءَ ۾ رلي پيا آهيون.

درد حيران ٿي ويا آهن،
اڄ الئہ ڪيئن ڪلي پيا آهيون.

سونهن مرڪي سڏيو ڏڪي پهتس،
عشق تو وٽ پلي پيا آهيون.

تنهنجي چوڙي ڪري ٿي چانڊوڪي،
روشنيءَ ۾ جلي پيا آهيون.

ياد تنهنجي هوا ڪٺي آئي،
سمنڊ وانگي چلي پيا آهيون.

خواب رستا هئا حياتي جا،
موت توسان ملي پيا آهيون.

هونئن شهمير بند هون ڪوري جيان،
شاعريءَ ۾ ڪلي پيا آهيون.

محبوب عاشقن جي آهُنِ جو خيال ڪر.
برندڙ ڏيئو ٿي سونهن هوائن جو خيال ڪر.

نازڪ هٿن ۾ سوڙهيون چوڙيون نہ پاءِ تون،
ٻانهون ٻڌي چوانءِ ٿو ٻانهن جو خيال ڪر.

ڪجھ بي رخيءَ جي من ۾ محبت بہ رک مني،
ڪر پيار چڏ هي ڪاوڙ، دانهن جو خيال ڪر.

هيٺن سان بي سبب اچ لهرون وڙهن پيون،
او سمنڊ ڪنهن طرح تہ ملاحن جو خيال ڪر.

هرگز قبول ناهي سڀ ڪي ڪهڻ جي ريت،
قاتل ادا سنپال نگاهن جو خيال ڪر.

ڇرڪي اٿي پون ٿا پازيب ٻڌ نہ تون،
اڌ رات جو تہ جانان راهن جو خيال ڪر.

هي عشق آ اياڻو ان کي نہ ائين ستاءِ،
سڀ ناز ڏاڍا ڏاها ڏاهن جو خيال ڪر.

هر دم هي دل آتي آهي.
تنهنجو پيار حياتي آهي.

خوابَ اکين جو ڪاڄو آهن،
زم زم تنهنجي جهاتي آهي.

آءُ ته رڻ تي رنگ ڦٽن ڪي،
جهڙ جي پريل ڇاتي آهي.

سهڻي! هر ساروڻي تنهنجي،
سيني سان مون لاتي آهي.

ڪو سک مون ڪي ڪو نه سڃاڻي،
هر ڏک گهر جو ڀاتي آهي.

هاءِ! وڇوڙي ۾ گهارڻ پيي،
پل پل جڻ سڪراتي آهي.

مون کي ڏاهڻ وارو تنهنجو،
سپنو پيي جذباتي آهي.

يادگيرين جي رلِيءَ تي هي ستارا تو اٽيا.
پيار جي درياھ تي پيارا ڪنارا تو اٽيا.

منهنجي ساري زندگي تو ڪان اول اوندھ هئي،
هي اجالا ۽ مشعالا محب پيارا تو اٽيا.

پيار ئي ويندو وني آ عشق ڏي ويساھ ڪر،
رڄ رستا واعدن جا، سبز چارا تو اٽيا.

نينهن جي نازڪ مسئلي کي پڪو پختو ڪري،
نيڻ نيڻن سان ملائي ها اشارا تو اٽيا.

سڄ ڪي چاهي لهي ويندو سمنڊ ۾ شام جو،
چنڊ لئه چو چارَ وانگر وار ڪارا تو اٽيا.

منهنجي قسمت جي برابر سير ۾ ڪشتي هئي،
پر اچي شهمير ٻانهن جا ڪنارا تو اٽيا.

ڪو نہ سوچيو مون تہ ٿيندين ائين تون.
هو بهو جڻ سامراجي قوتون.

رک پلي سهٽا سياسي اختلاف،
پر نہ ڪٽ اڏندڙ اسان جون چاهتون.

تو ڏنو هو مرڪي پاڻي پيار جو،
سوچ منهنجي ۾ ڦٽي پيون محبتون.

عاشقن جي هي بہ فطرت آ عجيب،
ڪلندا، خوش ٿيندا سهي سڀ تهمتون.

آنءُ تنهنجو، تون نہ منهنجو، تون ئي خوش،
ربُّ ڪري شل تنهنجون پوريون حسرتون.

هو اميراڻيون اڪيون، منهنجون فقيراڻيون اڪيون.
هو اڪيون مرڪن ڏسي، منهنجون لهو هاڻيون اڪيون.

ڪجهه نه هو مون وٽ صرف سپنا هئا سپ جهول ۾،
هٿ ويو تن مان به نڪري تو جو ائين تاڻيون اڪيون.

ڏيوڍيءَ مان اڄ ڏسي مون ڪي ڏئي تو در چڙهيو،
تو جيان پڪيون پرين آخر ڪتان آڻيون اڪيون.

دلربا جي در اڳيان پهتيون مگر افسوس آ،
دربدر ٿيون پيار جي ئي شهر ويڳاڻيون اڪيون.

درد جي ميدان ۾ لڙڪن سان لڙيون هر گهڙي،
زندگيءَ جي جستجو ۾ ننڊ جون ساٽيون اڪيون.

عرصي کان پوءِ چيلهه سپنن ڪئي ڊگهي ۽ پيا سمهي،
رات اجرو چنڊ بيٺو پنيٽين واٽيون اڪيون.

جاءِ ناهي ڪا چوڻ جي چپ سبي شهمير چڙهه،
پنهنجون روئي پاڻ چونديون پاڻ آڪاٽيون اڪيون.

سفر اسان جو عشق جي ڏڳن تي جاري آ.
ڪڏهن ٿو مينهن وسي ۽ ڪڏهن انڌاري آ.

مون تنهنجي ڳل تي رکي چپڙا سرڪ چا پيتي،
حواس جاءِ تي ناهن ۽ نشو طاري آ.

اسان جا خواب پيي اڻ ڪٿ سفر تي نڪتا هن،
اسان جي ننڊ پيي ورتي وڏي تياري آ.

ڪڏهن ڪڏهن تہ اسان سان ائين بہ ٿيندو آ،
بهار مرڪي آ چوندو تہ چا بهاري آ.

لڳي ٿو چنڊ سنو ڏاڍو پر خبر ناهي،
الائي چا جو اٿس داغ چا بيماري آ.

چون ٿا عشق سدائين اتي سڙيو آهي،
جتي هٿن سان حسن باھ پاڻ ٻاري آ.

دوستاڻي مزاج جا آهيون.
عاشقاڻي مزاج جا آهيون.

توکي چاهيون ٿا سونهن تو وٽ آ،
شاعراڻي مزاج جا آهيون.

روح ۾ اڄ به ٿي رهي مومل،
پاڻ راڻي مزاج جا آهيون.

عشق آهي تصوف ڏي آندو،
عارفاڻي مزاج جا آهيون.

تنهنجون ناراضگيون سهي، ٿي ويا_
تنهنجي هاڻي مزاج جا آهيون.

ايڏا نہ درد ڏي تون پٿر نہ ٿي وڃان.
موهن دڙي جيان ڪو کنڊر نہ ٿي وڃان.

محبوب گل ڪي ٽڙندا مرڪي نهار تون،
ڪاوڙ نہ ڪر ڪٿي مان ٿوهر نہ ٿي وڃان.

منهنجي اکين ۾ توري آلاڻ ڏي رهڻ،
صدما سهي سهي مان بنجر نہ ٿي وڃان.

مان رات سانوڻيءَ جو احساس هان ٽٽو،
ناراض ٿي نہ ٽڏ تون، اوتر نہ ٿي وڃان.

پردو هٽائي رخ تان جهٽ جهٽ ۾ او پرين،
ڏيکار ائين نہ جلوا ڪافر نہ ٿي وڃان.

منهنجي نصيب ۾ تون، مرڪون نہ اڻ پلي،
ماتام ڏي نہ ايڏو، محشر نہ ٿي وڃان.

خنجر هٽي نظر جو، نظرون تہ ڪڏ وري،
تڙپڻ لڇڻ تہ ڏي ڪجهہ، ناپر نہ ٿي وڃان.

شهمير ڪي گهٽيءَ مان ناراض ٿي نہ تڙ،
هيڏي وڏي دنيا ۾ بي گهر نہ ٿي وڃان.

زندگيءَ ۾ وڏو مزو آيو.
پيار ۾ پر اجا جهجهو آيو.

تو جو نيڻن ۾ مون کي ويهاريو.
ياڳ منهنجي پنيان لڳو آيو.

آنءُ تنهنجو هان تو چيو ڏاڍيان،
دشمنن کي تہ جڻ گهٽو آيو.

عشق پنهنجا اکر بہ ڏيکاريا،
سونهن وارو جتي صفحو آيو.

دل هئي تون سان ۽ اجا آهي،
ان ۾ کهڙو آ فلسفو آيو.

ٻار سانجهيءَ جو پيس چنبڙي،
ڏينهن ٻاهر کٽي ابو آيو.

کنهن پڇيو کهڙو نقش سهڻو آ،
ذهن ۾ اپري سنڌ جو آيو.

تنهنجو شهمير سونهن تنهنجيءَ تي،
شعر ڪيئي لکي اجهو آيو.

چنڊي تنهنجي چمي ناهي چپن کي ننڊ ڪيئن ايندي.
تسلي تو مڪي ناهي تہ من کي ننڊ ڪيئن ايندي.

الائي ڇو سڄي ڏينهن ۾ لياڪو تو نہ پاتو آ،
اسان جا نيڻ بک تي هِن، انهن کي ننڊ ڪيئن ايندي.

مسلسل رات ڏينهن بينا خدا آڏو ٿا ٻاڏائن،
محبت جا مجاهد هِن، هٿن کي ننڊ ڪيئن ايندي.

اوهان زلفن جو ورُ کوليو هوا خوشبوء کڻي آئي،
اڏيا ٿي پوئنر گلشن ۾ گلن کي ننڊ ڪيئن ايندي.

بسنتي رت ۾ جاڳن ٿا اجا تائين اداسي سان،
اسان جا نيڻ رستن تي، دڳن کي ننڊ ڪيئن ايندي.

پسائي هٿ سنڌو درياھ تي جيڪي وچن ورتا،
اجا جاڳي ٿو درياء واعدن کي ننڊ ڪيئن ايندي.

پيار تنهنجو پرين ڪکر وانگي.
روح منهنجو سڄو ٺي ٺر وانگي.

تيسين سڪ جا سلا نہ ٿا نڪرن،
ڏک جيسين لڳي نہ هر وانگي.

تنهنجي يادن سان واسجي ويو آ،
تن بدن ۽ ذهن عطر وانگي.

ذات ۽ ڏانوَ جو بہ آ رشتو،
ڪنهن پريمي ونءِ ۽ ورَ وانگي.

تون تہ مون لاءِ آن پٿائيءَ جيان،
آنءُ تنهنجي پنيان تمر وانگي.

هي سنڌي قوم آهي آئينو،
۽ هي اڳواڻ هن پٿر وانگي.

تو سوا سڪ سيئي سڪي ويا هن،
سور نسري پيو آ سر وانگي.

لوچ شهمير جو تہ سرُ ڪٽنديءِ،
نيٺ ٻوٽيئي اگر هي در وانگي.

اڪيلو جيون پرين بہ ناهي حياتي ويران ٿي وئي آ.
اسان جي بت جي مٿي بہ وڪري وڏو ڪو طوفان ٿي وئي آ.

قدم قدم تي نوان مليا ڏکَ، ڏکن سان پنهنجو پراڻو ناتو،
ڏکن جي ٻولي ڏکي آ ليڪن اسان لئہ آسان ٿي وئي آ.

سمورا سپنا حقيقتن جي سفر ۾ مشغول ها اچانڪ،
اميد ڪي اڌ رنگو ٿي پيو آ ۽ جان بي جان ٿي وئي آ.

اڪين ۾ اڪثر اداس سپنا رکي رکي نيٺ ٿڪجي پياسي،
اسان جي قسمت عجيب آهي قضا بہ حيران ٿي وئي آ.

خدا تو ڄاڻي ٽٽل ڦٽل دل جي دانهن دنيا ۾ ڪير ٻڌندو،
هتي تہ معصوم دل ويچاري اڇي پريشان ٿي وئي آ.

پيارُ ڄڻ سمنڊ سج جو منظر آ.
يار تارن ڀريو ڪو امبر آ.

واعدا ڄڻ هوا جا جهوٽا هن،
رنجُ تنهنجو ٻہ اوڪو اوٽر آ.

قربتن جو ڪڪر ڪڏهن وسندو،
تو بنا هي حياتي ٿر بر آ.

من اندر هڪ اداس مڪلي آ،
منهنجو جيون موهن جو ڪنڊر آ.

سڪ تہ موڪل سياح ڪي سهڻا،
ڇلڪندڙ ڏس اکين ۾ ڪينجهر آ.

خوشين جي ڪهاڻي حياتي اسان جي.
هي سنڌوءَ جو پاڻي حياتي اسان جي.

هوائن جي هٿ ۾ آ خوشبوءِ سدائين،
ٻڌي رات راڻي حياتي اسان جي.

هيس مونجهه ۾ مان تہ مرڪن جي ٻيڙي،
پرين تو اماڻي حياتي اسان جي.

خدا جي رضا تي گهڻو خوش رهون ٿا.
آ سادي ڳوناڻي حياتي اسان جي.

ڇهي پيار شهمير ڪي تنهنجو ويو آ،
ڪلي ڏي وراڻي حياتي اسان جي.

منھنجون اکڙيون ڪتابن تي گھمنديون رهيون.
رات ساري ثوابن تي گھمنديون رهيون.

چند گھڙين لئہ اکيون بند ڪري چا ستس،
ڇوڪريون منھنجي خوابن تي گھمنديون رهيون.

سونهن سرهاڻ جا ڳل ڇهي مون ڏنا،
آڱريون جو ڪتابن تي گھمنديون رهيون.

اڄ لٿي ڪو نہ پر آس پوري تہ ٿي،
ڪڪريون ڪي سرابن تي گھمنديون رهيون.

هيل ٻي ويل آ جو سياسي رڌون،
نئين سري سان ربابن تي گھمنديون رهيون.

نيڻ مون سان ملائي ويو.
دل ڪسي مسڪرائي ويو.

چنڊ ظاهر هيو اڀ ۾،
جهڙ ستارا لڪائي ويو.

پوپٽن جي پرن جهڙو مُک،
منهنجي من کي ليائي ويو.

درد جي هو سدا تور ۾،
ڪاڻ مون ڏي وڏائي ويو.

پيار آهي عبادت جيان،
نينهن مون کي پڙهائي ويو.

سڀ وڃائي ذهن يار جي،
ياد هڪڙي ڪمائي ويو.

عشق جا ٻئي ڪپر اوچتو،
حسن درياهه پائي ويو.

مينهن شهمير هو نينهن پيءِ،
نيڻ دامن پسائي ويو.

اکين ۾ خواب اچن ٿا مسافرن وانگي.
هميشھ کين ٽکن ٿا مسافرن وانگي.

اسان تہ دل جي شدت ساڻ توکي چاهيون ٿا،
چو تنھنجا نيڻ ڏسن ٿا مسافرن وانگي.

پڇڻ جي لاءِ تو تائين تہ ذهن ۾ منهنجي،
سدائين خيال گهمن ٿا مسافرن وانگي.

پڄائيندا بہ ستارا تہ ڪيئن منزل تي،
ستارا پاڻ ڦرن ٿا مسافرن وانگي.

وجن ٿا ڌوڙ جي دامن ۾ جذب سڀ ٽيندا،
غريب نير ٽمن ٿا مسافرن وانگي.

جڏهن بہ ڳوٺ کان ٻاهر گهمڻ وڃان ٿو مان،
ويڳاڻا وڻ پيي لڳن ٿا مسافرن وانگي.

گهٽيون شڪاري هتي هن سماج جون رسمون،
پکي امن جا اڏن ٿا مسافرن وانگي.

سمورا درد لهن ٿا جو ريل مان مون لئہ،
تہ سيئي سڪڙا وجن ٿا مسافرن وانگي.

باهہ جي شعلن تي گھر منهنجو هيو.
شهر سارو بي خبر، منهنجو هيو.

مان اڪيلو ئي هليس جيون سڄو،
سڄ رستي تي سفر منهنجو هيو.

زندگيءَ جا درد ميڙيندو رهيس،
سارو جيون منتشر منهنجو هيو.

دل هئي صحرا ۾ اک آلي هئي،
تيز اس آڌو ڪکر منهنجو هيو.

مون ڏنو جنهن کي اکين جو چانورو،
سوئي سپنو ٽيو ٽکر منهنجو هيو.

ڪنهن ڏهاڙي هُو خدا پهچي تہ ها،
درُ نہ هو جاتي سو درُ منهنجو هيو.

هيءَ بہ منهنجي لئہ غنيمت هئي وڏي،
تنهنجي نالي ۾ اکر منهنجو هيو.

افسوس هيل خالي بادل به ڪو نه آيا.
ڏرتي رهي اجاري درياء نه چپ پسايا.

هن سانوڻيءَ جي رتِ ۾، واعدي تي تون نه آئين،
موسم جو منهن لٽل آ رابيل سپ ڪومايا.

هر روز پاڻ پوئي هي رات جا ستارا.
هڪ چنڊ پٽ مٿان جڻ تو لاءِ ٿي سجايا.

مون پيار سانديو آ جڏهين وڻئي هليو اچ.
رستن تي تنهنجي لئه مون گيتن جا گل وڇايا.

هن نينهن جي نگر ۾ تون مان غريب ناهيون،
آ سونهن تنهنجي مايا، آ عشق منهنجي مايا.

ڪل خواب پيا آهن مجبور نگاهن ۾.
احساس تہ ڪر ڪوئي مغرور نگاهن ۾.

ڇهري ڪي ڪري ظاهر اونڌه ڪي ڏنئي ٿانڊا
هو چنڊ پيو ايري ڪو ڏور نگاهن ۾.

ٿهڪن جي ڏئي آٿت لڙڪن ڪي بيهاريان ٿو
پر لڙڪ ڪريا سارا معذور نگاهن ۾.

خوشين جا خدا مون ڪي هي ڪير ٻڌائيندو
هر وقت رهي چو ٿو عاشور نگاهن ۾.

شهمير جي نيڻن ۾ آ عڪس ائين تنهنجو
قدرت جو سمايل جيئن ڪو نور نگاهن ۾.

هڪڙي مون تصوير رکي ڇا اندر ۾.
بت سمورا ڀورا ٿي ويا اندر ۾.

خواب ڏکي ٿا پاڪيون پائن نيٽن ڪي،
جاڪون تنهنجي آئي آشا اندر ۾.

منهنجي منزل هاڻي منهنجي سامهون آ.
پيار بڻايا آهن رستا اندر ۾.

ساروڻين جي چانڊوڪي چوڌاري آ،
خيال پرينءَ جا آهن بينا اندر ۾.

منهنجا سارا سورَ الائي ڪاڏي ويا،
جڏهين سک جا پاڇا آيا اندر ۾.

پروانا ڪل پير ڇهڻ لئه آتا هن،
پيار جا مون هن ڏيئا ٻاريا اندر ۾.

نوجوانيءَ ۾ گهاوَ جهونا ڏسو.
درد جهونا ڏسو، ڪجهہ نمونا ڏسو.

موت جي منهن کي رهڙون ڏئي ٿو جيئان،
زندگيءَ جا هنيل مون کي ٽونا ڏسو.

پيار جا وار سارا اچا ٿي ويا،
انتظاري هنيا خوب چونا ڏسو.

رات ــ چنريءَ منجهان باک پاتو ليئو،
پير هٿ روشني جا هي سونا ڏسو.

ماڳ جي راهہ ۾ جبل جاڙون ڪيون،
منهنجا رهڙيل ٻئي پير، مونا ڏسو.

هر زخم جي دوا مرڪ تنهنجي مٺا.
سونهن جي انتها مرڪ تنهنجي مٺا.

پوپٽن جي حسين رنگتن جو قسم،
مکڙين جي صدا مرڪ تنهنجي مٺا.

گهور گهري جا جيڪي ٻه گهايل هجن،
تن کي ڏي ٿي شفا مرڪ تنهنجي مٺا.

رڳ ۾ اڄ لاهي تصوّر تنهنجو،
ڏر تتيءَ ۾ گهٽا مرڪ تنهنجي مٺا.

هن دنيا جي سڀن عشق وارن جي آ،
ڪا اگهايل دعا مرڪ تنهنجي مٺا.

روز وسري ڪمن ۽ غمن ۾ مگر،
ياد ڏياري خدا مرڪ تنهنجي مٺا.

ٿورو هاڻي سڪون آيو آ.
خط اماڻي سڪون آيو آ.

ساڙي ناراضگيون ڇڏيون آهن،
خوب هاڻي سڪون آيو آ.

منهنجي خوابن کي تنهنجي نيڻن ۾،
مولا ڄاڻي سڪون آيو آ.

پوپٽن کي رنگين گلڙن جو،
پيار ماڻي سڪون آيو آ.

پنهنجي قسمت مان او پرين سارا،
درد چاڻي سڪون آيو آ.

ساري دنيا کان وڌ پرين مون کي،
لاڙڪاڻي سڪون آيو آ.

زندگيءَ جون خواهشون شهمير،
ڳوٺ آڻي سڪون آيو آ.

منا ڏيکاريا تو ها وڏا رنگين سپنا.
جدائي ڏئي ڪري چو وئين سيئي غمگين سپنا.

وڇوڙي ۾ رهن تا ٻئي سدائين نيڻ آلا،
ملي وڃ تون تہ ڪو مرڪن منا مسڪين سپنا.

اجا نيڻن جي درياء ۾ پرين برسات پئي ٿي.
اجا تنهنجي ڏسڻ جي لئہ پيا روئين سپنا.

اجا سڏڪن جي موسم ۾ اسان جا نيڻ آهن،
جڏهن محبت سان مرڪن جا پرين آڻين سپنا.

اکين جي آرزو آهي مني ساپيا ملي پئي،
گهٽا ڳوڙهن سان گڏ سانديا اسان نمڪين سپنا.

جڏهن لڙڪن جي جهنگل ۾ اسان جا ٿهڪ پهتا،
تہ روئي پيا ڪري دانهون ڊنل مسڪين سپنا.

ڪٿي ايندو لهي پاڻهي مٿي جو آسمان آ،
اندر ۾ اڄ بہ سانديي ٿي پرين ڪي زمين سپنا.

چاهت جو اظهار اڌورو رهجي ويو.
تنهنجو منهنجو پيار اڌورو رهجي ويو.

پنڌ ڪري مان پهتس تنهنجي در تائين،
در تہ پر ديدار اڌورو رهجي ويو.

ڪيئي ڀيرا ڪوشش ڪئي سي مرڪڻ جي،
مرڪڻ پر هر بار اڌورو رهجي ويو.

سڀ ڪجهہ طئي هوندي بہ آخر ڇا جي لئہ،
دل جو هي واپار اڌورو رهجي ويو.

اڪثر وينو ٽڏڙا ساهہ ڀريندو هان،
خوشين جو سنسار اڌورو رهجي ويو.

تنهنجي ڳل جي تِرَ جي تارَ نہ ڇيڙي مون،
اندر جو فنڪار اڌورو رهجي ويو.

حسرت آهي تنهنجي سامهون ساهہ ڏيان،
ساهہ بہ ليڪن يار اڌورو رهجي ويو.

لڙڪ اکين مان ڏاڍا ٿمندا هن شهمير،
منهنجو ڪل ڪم ڪار اڌورو رهجي ويو.

تو سوا هي کهڙي آهي زندگي.
مون کان هر پل ٿيڙي آهي زندگي.

پيار جو پاٽي ملي ڪجهه دل ٺري،
چاليهي جي ڪيڙي آهي زندگي.

موت هر دم نوڪرون وينو هٽي،
مالڪي ڪر چيڙي آهي زندگي.

يار مون کي حالتن لوڙهي ڇڏيو،
ٿيءُ ڪنارو ٻيڙي آهي زندگي.

چو دنيا طوفان تي ٻٽجي وجي،
مون جڏهن پي ميڙي آهي زندگي.

يار تنهنجي پيار جي ئي آسري،
بيني آ، نہ تہ، ليڙي آهي زندگي.

تون پرين ناهي مليو شهمير سان،
سور دل تي ڪيڙي آهي زندگي.

هن چني منهنجي جو ڦاڙي آهي.
پڪ حياتي جي پڇاڙي آهي.

پنبڻين جي ڏار اڄ سرُ ڪٽنديءَ
هن جي اکڙين ۾ ڪهاڙي آهي.

بند جيئڻ جا ويا تي رستاءِ
ديد اهڙي يار لاڙي آهي.

هن رقيبن سان ملايو هٿ آءِ
جان منهنجي درد ساڙي آهي.

سو به منزل تي رسي ڪٿ سگهندوءِ
سوچ جنهن جي تي ڪراڙي آهي.

عشق ڪان شهمير اڻ واقف آءِ
شاعري ۾ به اناڙي آهي.

ڏک وساري مان جي رهيو آهيان.
تو کي ساري مان جي رهيو آهيان.

پيار جي ساپيا ڦٽي ناهي،
خواب هاري مان جي رهيو آهيان.

نيڻ ڏيئا ٻٽيا ٻئي منهنجا،
لڙڪ ٻاري مان جي رهيو آهيان.

تنهنجي تصوير لائي سيني سان،
باھ ٺاري مان جي رهيو آهيان.

آنءُ ڄاڻان تو تون نہ ايندين پر،
دڳ نهاري مان جي رهيو آهيان.

زندگي، زندگي رهي ناهي،
پاڻ ماري مان جي رهيو آهيان.

اسان جي دعائن جي منزل پرين تون.
سڪايل نگاهن جي منزل پرين تون.

سچو سونهن جو آهين گهرو تون ساگرُ
اجايل ٻہ ٻانهن جي منزل پرين تون.

الائي ڪٿان ڪان اچن سمنڊ جهاڳيِ
ڏکڻ جي هوائن جي منزل پرين تون.

وڻي ميڙ مکڙيون هي گل سڀ اچن ٿا
۽ ڪويل جي دانهن جي منزل پرين تون.

آ برباد سوچن جي خواهش سفر ۾
۽ آباد راهن جي منزل پرين تون.

نہ مور چاڻان خوشي آهي ڇا؟
سمورو جيون غمن جا پاڇا.

اوهان سان دل آ گواھ آهن،
اداس اکين ۾ لڙڪ خاشا.

مروڙي ماري ڦٽي ڪيو تا،
اکين جي آڏو خطن جا لاشا.

سڄو زمانو ڏسي ٿو مرڪي،
جلي رهي آ اسان جي آشا.

اسان جو مرڪڻ گهڻو ڪُڙو آ،
اوهان جا گفتا مٺا پتاشا.

اسان جي خوابن جا پير زخمي،
پري آ منزل ۽ دڳ لتاشا.

ڏسڻ نہ آيو ستم اهو آ،
ٻڌيا سي جنهن لئہ اسين تماشا.

ڦٽ ٿو ڏين چاهت جي هر دم ڇهري تي.
پوءِ نہ مکين ٿو چمين مرهم ڇهري تي.

حيرانيءَ مان گهوري ڏسندي آهہ خزان،
تنهنجي وئي ڪان پوءِ جي موسم ڇهري تي.

سمنڊ جيان گهرائي آ هر لڙڪ اندر،
تو لئہ ڪيڏا سمنڊ گذاريم ڇهري تي.

صدين جيڏو ڪيئن ڪرائي اوسيئڙو،
جذبا موتيا گهنج ڪٽي ٿم ڇهري تي.

دردن جو آواز هوا ۾ اڏري ٿو،
سور سڻائي وينو سرگم ڇهري تي.

چند گهڙين لئہ مرڪڻ چاهيو هو مون پر،
حاوي ٿي ويا هڪدم سڀ غم ڇهري تي.

منهنجو سوئي شعر حياتي ماڻيندو،
جيڪو تنهنجي لکندس جانم ڇهري تي.

فوٽو نندپڻ جا ڏسندي وئي ننڊ وڃي،
رات بہ رهجي ويو هو البم ڇهري تي.

زندگي تو سواءِ رڻ وانگي.
خالي خالي سرءُ جي وڻ وانگي.

تنهنجو مرڪڻ بهار جو نياپو،
تنهنجي رنجش پرين ڪنوڻ وانگي.

عشق منهنجو بڪيو محبت جو،
پيار تو کان مليو نہ ڪڻ وانگي.

لڙڪ منهنجا سڪي وڃن هان جي،
هٿ ڏِکِيرين هان تون اگهڻ وانگي.

آسرو ڏي متان چڙهي بہ وڃان،
حال آهي تہ هونئن مرڻ وانگي.

چاهہ چشمي پنيان سندس شهمير،
من سندم آ رليو هرڻ وانگي.

خوبصورت خواب جهڙي ڇوڪري.
جڻ ٽڙيل گلاب جهڙي ڇوڪري.

زندگي بلڪل گناهن ۾ ٻڏل،
هو وڏي ثواب جهڙي ڇوڪري.

ڪائناتي راز تو هن ۾ ڏسان،
آسماني باب جهڙي ڇوڪري.

هن جو پاڇو جڻ حياتي جو سوال،
پاڻ آ جواب جهڙي ڇوڪري.

ڪنهن طرح سان ڏي نہ ٿي سمجهڻ مزاج،
عشق جي نصاب جهڙي ڇوڪري.

ساهہ منھنجو صنم تو نپوڙي ڇڏيو.
خار مان گل ونئي تو مروڙي ڇڏيو.

پنکڙين کي پٽي جيئن ڦٽي تو ڪيو،
ماس منھنجو بہ ائين غم تہ روڙي ڇڏيو.

دلربا سور جي تات ايري پئي،
تير ديدن جو اهڙو تو ڪوڙي ڇڏيو.

دل محل جڻ هئي ڪانچ جو دلربا،
تو تہ تنهن کي پٽر ساڻ ٽوڙي ڇڏيو.

هاڻ زلفن جو مون تي ڪو سايو ڪيو،
قرب مان ڪا گھڙي وار ڇوڙي ڇڏيو.

تو سوا ڪيئن بچي جان شهمير جي،
ول غمن جي صفا آ وڪوڙي ڇڏيو.

درد ونڻ يا درد ڏيڻ تو چاهين تون؟
منهنجي درد جو سمنڊ ترڻ تو چاهين تون!

لفظن جا هٿيار سمورا اڇليا ٿي،
شايد مون سان ناهه ڪرڻ تو چاهين تون!

منهنجي منزل ڏور الائي ڪاٿي آ،
هاٿي گڏجي ڪيئن هلڻ تو چاهين تون!

ڏينهن نہ آيو رات ڪنواري رهجي وئي،
ڪهڙي پل ڪي موڙ ٻڌڻ تو چاهين تون!

منهنجو هر هڪ ساهه خدا جو قرضي آ،
ساهه ڏئي ڇا قرض پرڻ تو چاهين تون!

دل جي ڳوٺ مان دڙڪن چڻ تہ لڏي وئي آ،
گهرڙو ڪاٿي هاڻ اڏڻ تو چاهين تون.

اڌورا خواب مليا هن اڌوري ننڊ ملي آهي.
اڌورو پيار مليو آ اڌوري دل جلي آهي.

ختم ويساهه ٿي ويو آ هميشه لئه زماني تان،
اسان سان روز رسمن جي نئين سر ڏاندلي آهي.

اهو ناهين رهيو تون پر ته يي مون کي ستائڻ لئه،
اوهان جي ياد پائي ڇهنڊڙيون ٿي چلولي آهي.

وڏي ڪوشش ڪئي آهي ملڻ جي پر مليا ناهيون،
اسان جي چاهه جي زوري ڪئي وئي بند ڳلي آهي.

اچي تنهنجي دريءَ تي ئي، نظر منهنجي ڄمي وئي آ،
ڄمي ويو مان به آهيان ته به دري ڪاٺي ڪلي آهي.

جڏهن ڪمري جي ڇت مان سج ڪرڻا پار ٿي پهچن،
حفاظت ڪيئن مان سمجهان ڏني دل هيڪلي آهي.

گهٽا ويساهه جي ديوار کي هن ڏار پئجي ويا،
عمارت پيار واري پيڙهه ڪان ٿي پئي ڍلي آهي.

مينهن ڪڪرين لئہ جيئن تر ماندو،
تو لئہ تئين آ اندر ماندو.

تو لئہ تڙپان ائين پرين جيئن،
طوفانن ۾ ساگر ماندو.

موتي ايندي نيٺ تہ نوري،
آهي ڪينجهر جو، جر ماندو.

چانڊوڪيءَ ۾ تنهنجون يادون،
ياد اچن مان هر هر ماندو.

هير ٿڌيءَ جي سيني ۾ آ،
يادن جو ڪو اوتر ماندو.

چنڊ ستارن هوندين چو آ،
ڌرتيءَ ڪارڻ امبر ماندو.

نظر اسان جي پياسي جنهن جي نظر اها سا نظر نہ آئي.
سڄي حياتي ڏئيون سي راهون الائي ڇو هوءَ پر نہ آئي.

چٽو ڏٺو چنڊ اڀ تي ماڻهن ۾ عيد جون ڪن ٿا ڪل تياريون،
اسان ڏي ليڪن اسان جي چنڊ جي اڃا تہ ڪائي خبر نہ آئي.

سڄي دنيا ۾ بهار آئي جتي ڪٿي ٿي ويون بهاريون،
نہ مڪڙي آڇڻ گهڙي پهر لئہ بهار منهنجي شهر نہ آئي.

عمر گذاري سياهہ راتين ۾ روشني لئہ رلي مئاسي،
اوهان جي ڇهري جي پر الئہ ڇو نصيب ۾ ڪا سحر نہ آئي.

نہ هيل آئي، نہ پرُ ئي آئي نہ ڪي ٿيون سال سار ورتئي،
خدايا برسات ڪان پڇي ڏي تہ ڇو يڪو هوءَ ٽر نہ آئي.

خبر پيس مان بيمار آهيان ڪو حال ڪونهي مرڻ تي آهيان،
ڏسو تہ هن جي ستمگري هيءَ پاڙي ۾ پهتي ۽ گهر نہ آئي.

اها بہ شهمير آ حقيقت سوا پرينءَ جي خدا ٿو ڄاڻي،
بچڻ پو منهنجو ڏکيو آ ڏاڍو اڄوڪي ڏينهن ۾ اگر نہ آئي.

هو سڪ منجهان محبوب جنهن مون کي سمايو ساهہ ۾.
افسوس سو ڀي ويو ڇڏي تنها ڪري اڄ راهہ ۾.

سو خط ڪٽي ساندي رکيم جنهن تي چپن جا چنڊ هئا،
آ روشني سڀ تنهن منجهان هن زندگيءَ اونداهہ ۾.

دل جي چيم آئيني کي پٿرن سندو ڇڏ پيار تون،
پر دل چري ٿي پئي چري هئي پٿرن جي چاهہ ۾.

هڪ خواب هن جو اوچتو آيو ائين اڄ جاڳ ۾،
زخمي ڊڪي سهڪي جيئن پهچي وڃي ڪو پناهہ ۾.

دل جي دنيا اجڙي وئي آ دوستو ان موڙ تان،
جتِ پيار جي گهلندي هوا جتِ گل ٽڙن ٿا چاهہ ۾.

کهڙي خبر ٻئي کي پلا هن هجر واري آڳ جي،
ائين ٿو پچان جاڻي خدا آويءَ گهڙو جيئن باهہ ۾.

اوهان جي ياد اسان کي پئي ستائي ٿي.
اسان جي ننڊ کي هر روز پئي جلائي ٿي.

اسان جي صبح جي نيڻن مان نير ٿمندا هن،
اوهان جي شام سڄي رات مسڪرائي ٿي.

ٻه ٽي ڪي خواب اچن ٿا نوان وڳا پائي،
ته تنهنجي سار وسي مينهن جيئن پسائي ٿي.

هي منهنجو چاهه به اڻ کٽ ٿي، آسمان جيان،
۽ منهنجي ياد اوهان ڏي ئي هٿ وڌائي ٿي.

جيئڻ جي لاءِ ٿو سوچيان ته تنهنجي رنجش پيي،
پئي هر وقت مرڻ لاءِ ورغلائي ٿي.

اسان کي نہ ٻي ڪا عبادت ڪئي آ.
صرف سنڌ تنهنجي تلاوت ڪئي آ.

هي ٽوپي هي اجرڪ هي پٽڪو کهاڙي،
صدين کان انهي جي حفاظت ڪئي آ.

وضوء مون ڪيو آ سدائين سنڌوءَ مان،
انوکي شروع هي روايت ڪئي آ.

حياتي سڄيءَ ۾ جتي پيو وياسي،
اتي پيو اجاگر ثقافت ڪئي آ.

سدا سچ کي سانڍي رکيو آهي سيني،
ڪڏي ڪوڙ ڪلفت بغاوت ڪئي آ.

خدا پيو تہ بخشي ڇڏيو آ اسان کي،
جڏهن سنڌ توسان محبت ڪئي آ.

هجي شال شهمير آزاد سنڌڙي،
چيو آ، لکي پڻ وضاحت ڪئي آ.

هو جواني ۾ هو، مور جهونو نہ هو.
جهور جهونو لڳو، جهور جهونو نہ هو.

نورُ تن کي اهو ڪين هو، جن چيو،
نورُ جهونو ڏسو، نورُ جهونو نہ هو.

ڪجھ ويا ڪجھ وڃڻ ئي نہ چاهيو مگر،
جي ويا تن ڪان هي ڏور جهونو نہ هو.

وقت سوناري ها وار سونا ڪياء
ڪجھ نئي تور تي، تور جهونو نہ هو.

چؤ طرف ڪان چڪاسي حڪيمن چيو،
گهاءُ جهونو مگر، سور جهونو نہ هو.

شخص هو پاڳل الائي ڪير هو.
ٿي لڳو پهتل، الائي ڪير هو.

آيو محفل کي ويو ٻاري هليو،
عشق جو سڙيل الائي ڪير هو.

ڪا خبر ئي ڪو نہ پنهنجي گم هيو،
سونهن جو ڦريل الائي ڪير هو.

لڙڪ وانگي هُو نماڻو ٿي لڳو،
ديد جو لٽيل الائي ڪير هو.

هن کي ڇهندي درد ٿي دانهون ڪيون،
سور جو ٻٽيل الائي ڪير هو.

خواب ليڙون هن جي نيڻن جا ٻٽيا،
مفلسيءَ ورتل الائي ڪير هو.

هن جي طبيعت ٿي ملي شهمير سان،
گهور جو گهايل الائي ڪير هو.

بي وفا سان ايترا ناتا نہ رک.
او چري دل باھ ۾ ڪانا نہ رک.

هٿ ئي سڙندا ڪجھ نہ ايندو هٿ هتي،
جهول ۾ هي ڄرڪندڙ ٽانڊا نہ رک.

سنگ دل ماڻهو ڇا ڄاڻن پيار مان،
تون تہ پٿرن جي شهر شيشا نہ رک.

ڪيئن هوا معشوق ۾ ڪل گل سڙيا،
هيءَ ڪهاڻي رکُ، مگر رکَ سان نہ رک.

نفرتن ڪي تورِ جي تورين سگهين،
محبتن ۾ تون پرين ماپا نہ رک.

هنيانءُ ٿو ڦاٽي اُنهي جي سارَ سان،
ايترا دل ۾ وڏا صدما نہ رک.

جي ڪيان پنهنجي حياتيءَ ڪي نثار،
موت ۾ بخشي بہ قل آشا نہ رک.

مون کي منزل چيو تنھنجي منزل اچا.
آھي اڳتي سڄڻ ھل اچا، ھل اچا.

تيز طوفان تي يا ٻڏو مينھن تي،
روشني تيءُ يا ھير تي گھل اچا.

سوچ سھڻي سني ذھن ۾ رک منا،
سوچ کي لوچ ڏي کر کا ھلچل اچا.

اک تہ پٽ، اک تہ پٽ، واٽ تي ٿو ويھين،
توکي ڪرڻو ئي آ ماڳ حاصل اچا.

ھن جي پويان لڳي ھڙ ھلي پيي وڃي،
پوءِ بہ رکجانءِ ھڙ ۾ تو توَڪل اچا.

غير جي ٻانھن تي ننڊ ناھي ڪٻي،
ڳول محبوب جو چمڪندڙ ڳل اچا.

زلف ڪارا ھٽائڻ جي ڪوشش تہ ڪر،
چنڊ چھرو اکين ڪان آ اوجھل اچا.

صبح جو شام جو، رات جو، ڏينھن جو،
پنھنجي شھمير سان مل اچا مل اچا.

اسان تنهنجي در جا سوالي سدائين.
اسان جي خوشين جو تون والي سدائين

اسان جي ٻه دنيا خيالي سدائين.
۽ نيڻن جي موسم جهڙالي سدائين.

اياڻين اکين جا اگهي ڪير ڳوڙها،
آ خوابن جي دامن ٻه آلي سدائين.

ڪندن جي بدن تي گلابن جا پاچا،
چڙهي ويا اداسي نرالي سدائين.

نماڻي نظر جي تون بدلي پيارا،
نظر تو نهارين جلالي سدائين.

نہ چهري تي نيشان ڪنهن مرڪ جو آ،
اسان روشني جا سوالي سدائين.

محبوبُ طلب ڪن ٿا اکڙين جا هي اوجاڳا.
هن دل کي ستائن ٿا ڏکڙن جا هي اوجاڳا.

هڪ ڏينهن پرين تنهنجي نيڻن جي وهاٽي تي،
آرام ڪندا حاصل چپڙن جا هي اوجاڳا.

وارن ۾ سجائي چنڊ ڪجهه ڏينهن حياتي آ،
زلفن جي طلب ڪن ٿا گلڙن جا هي اوجاڳا.

ايلاز ڪندا آهن هر وقت خدا آڏو،
ديدار جي ڪارڻ ئي هنڙن جا هي اوجاڳا.

ڪاغذ جي مٿان ٿي آ لفظن جي عذاداري،
شاعر جو رنو ڪمرو خطڙن جا هي اوجاڳا.

دلبر جي جدائي ۾ شهمير لٿا ڪارا،
شل رنگ مٽن ڪوئي ڪپڙن جا هي اوجاڳا.

ڏنو جنھن جنھن حسن تنھنجو انھن ڪان دانھن نڪري وئي.
وڻي وارن سندي خوشبوء گلن ڪان دانھن نڪري وئي.

ڪجل ڦيري اکين ۾ تو ڪيو جو وارُ محفل ۾،
اڳيان بيھوش ٿي ڪريا پنين ڪان دانھن نڪري وئي.

سندءِ جلون تي ڪو لکيل غزل محفل ۾ جھونگاري،
ڇيو جڏھن بہ ڪنھن راڳي سرن ڪان دانھن نڪري وئي.

سڄي ساري خدا تعالىٰ سمائي سونھن تو ۾ آ،
فرشتن پي ڏنو جڏھن تہ تن ڪان دانھن نڪري وئي.

ڏسي مرڪي ڪٽي نظرون جڏھن مون ڏي نھاريو تو،
خوشيون ايڏيون مليون جو پوءِ ڏکن ڪان دانھن نڪري وئي.

ڏسي شھمير ڪي سھڻي پري پردو ڪيو منھن تان،
رھيو ڪوئي نہ دنيا ۾ سين ڪان دانھن نڪري وئي.

تو بن مون کي ٿي تڙپائي چنچل چاندوڪي.
تنهنڄ اس وانگي ٿي ڪائي چنچل چاندوڪي.

تون جي آهين ساڻ تہ مون کي چنڊ ٻيي ڪيڪاري،
هونءَ ٻلجي ٻيي کو نہ ڳالهائي چنچل چاندوڪي.

مون کي تڙپائڻ جي خاطر منهنجي ڪمري جي۔
جاري مان جهاتيون ٿي پائي چنچل چاندوڪي.

ڪرڻن جي صورت ۾ هر دم منهنجي زخمن تي۔
ڄڻ تہ پئي ٿي لوڻ لڳائي چنچل چاندوڪي.

تنهنجا فوٽو آنءُ ڏسي ٿو چين ڪيان محسوس،
منهنجي لونءَ لونءَ کي ڇرڪائي چنچل چاندوڪي.

تون شهمير جي منهنجا منڙا سار لهي وڃ ڪا،
جي نہ تہ گهايل من ٿي گهائي چنچل چاندوڪي.

منهنجون اکيون ڏسن تيون محبوب خواب ڏاڍا.
مون کي ڏئي رهيو آن سهڻا گلاب ڏاڍا.

منهنجا سوال هيڻا، تنهنجا جواب ڏاڍا.
منهنجا گناهه ڏاڍا، تنهنجا ثواب ڏاڍا.

دل کولي توکي سهڻا پنهنجي مان دل جون ڳالهيون،
سوچيان ٿو ڪئين ٻڌايان تو کي نقاب ڏاڍا.

مون کي لڳي ايئن ٿو هي نينهن مينهن آهي،
منهنجي حياتي صحرا تو کي حجاب ڏاڍا.

ڪيڏو عجب لڳي ٿو منهنجي ڪتاب ۾ ئي،
منهنجو آ نانءُ واريل تو کي خطاب ڏاڍا.

تنهنجو چهرو گلاب پانيان ٿو.
مان ڏسڻ پيي ثواب پانيان ٿو.

تنهنجي اک جي اشاري کي سهڻا،
آلجبرا حساب پانيان ٿو.

سات تنهنجي سواءِ مان پنهنجو،
سارو جيون عذاب پانيان ٿو.

ساڻ آهين تہ جون وارو پيي،
مان ٿڌو آفتاب پانيان ٿو.

تون تہ بلڪل اکين جي آڏو آن،
پوءِ ڇاڪاڻ خواب پانيان ٿو.

اسان جي ٻہ ٻڌ ڪا گذارش پيارا.
ڪري پيار ڪر ڪا نوازش پيارا.

سوا پيار جي مان هٿين خالي آهيان،
نہ ڪا ٻي آ مون وٽ سفارش پيارا.

لڳي ٿي ڏکڻ جي ٿڌي هير ۽ ٻيو.
وسي ٿي مٿان هلڪي بارش پيارا.

سڏي سڪ مان پنهنجي تون سيني لڳائج،
جهڪي ٿي برهہ جي ڪا آتش پيارا.

صفا سادو سودو مان ڳوٺاڻو ماڻهو،
ڪسي دل ڪجان تون نہ سازش پيارا.

سدائين رهي من ۾ شهمير ڪي ٿي،
امر پيار تنهنجي جي خواهش پيارا.

جناب اک ۾.
گلاب اک ۾.

سوال اک ۾،
جواب اک ۾.

اکيون اکين ۾،
شراب اک ۾.

نہ سونهن جو آ،
حساب اک ۾.

اڳيان آ ساپيا،
۽ خواب اک ۾.

رکيو ٿِي چا لئہ،
حجاب اک ۾.

تنهنجي تہ در جو منهنجي لئہ بند رهيو ڪڙو آ.
هر ويل پر نئون غم دل ۾ اٿي ڪڙو آ.

اڪثر تہ تنهنجي اونهي ناراضگي رهي آ،
۽ تنهنجو راضپو چڻ پاٽي جو بڙبڙو آ.

پنهنجو ملڻ نہ ٿيو پر پئجي پتو ويو آ،
دنيا درياهہ آهي جيون ڪچو گهڙو آ.

محبوب هڪ نظر سان جيسين ڏسان نہ تو کي،
اکڙين جي آڏو هوندو هر ويل ڪوهيڙو آ.

منهنجي اندر مان اڪثر اجڙيل ٿا شعر نڪرن،
اجيا، بکيا، ستايل ڪنهن کي نہ چولڙو آ.

سا سوچ چند جهڙي، سو شعر سج جهڙو،
منهنجو وجي ٿو ٻڌجي جي تنهنجو اولڙو آ.

شهمير چا ٻڌائي تنهنجي رسڻ سان پيارا،
اکڙين جو سمنڊ اٿليو ٿي دل موهن دڙو آ.

پرين تنهنجي اکين ۾ شاعري آ.
تڏهن منهنجي ذهن ۾ شاعري آ.

تڏهن مون کي سلو ملندو مٺي آ،
هوندي تنهنجي هٿن ۾ شاعري آ.

ڪڏهن گهري تہ اک سان پيي ڏسي ڪو،
مصوّر جي رنگن ۾ شاعري آ.

هوا لوڏي ٻڌايو رات مون کي،
هي ڏس ڪيڏي وڻن ۾ شاعري آ.

رسالن ۾ نظر ايندي تہ اڪثر،
سٺي ٻن جي ڏهن ۾ شاعري آ.

حسن آهي پٺائي شاعريءَ جو،
تڏهن هوندي حسن ۾ شاعري آ.

محبوب تو نهاري پنهنجي حساب سان.
هر هر تو مون کي ماري پنهنجي حساب سان.

ڏاڍو جيئڻ ڏکيو آ ڪاوڙ غضب اٿس،
مرڪڻ ٻہ هن جو ماري پنهنجي حساب سان.

محفل ۾ مان اچي تو پرُباش ٿي وڃان،
امرت پيو پياري پنهنجي حساب سان.

جلوا ڏيکاري پنهنجا بيهوش تو ڪري،
پوءِ هوش پيي ڏياري پنهنجي حساب سان.

سهڻي جي سور ۾ آ ڏاڍو سرور پر،
ڪنهن ڪنهن مهل روئاري پنهنجي حساب سان.

هر هر پيو وڇوڙو مارڻ جا وس ڪري،
پر ياد ٿي جيئاري پنهنجي حساب سان.

گهلندي هوا انئي جي، پڪ سان تڏهن پنل،
زلفن کي جي سنواري پنهنجي حساب سان.

شهمير جي رهيو آ سڀ کو ڏسي پيو.
پر آ ويو گذاري پنهنجي حساب سان.

اداڪار آهن،
قري دل وجن ٿيون هي فنڪار آهن.

اڪيون ڪاريون ڪجليون ۽ ڳل تي موهيڙا،
حقيقت ۾ تنهنجا هي هٿيار آهن،

سياٽا سياٽا منجهائي رکيا تي،
هي ڪاڪل غضب جا ڪلاڪار آهن.

ميجئون ٿا برابر منا چپ اوهان جا،
گلابي گلن جا ٻه سردار آهن.

رکين ٿو ذهن ۾ تون چالاڪ سوچون،
اسان لئہ اٽيا روز تو چار آهن.

تون قسمت جا روڪي ستارا ڇڏين ٿو،
منيون ڳالهيون بلڪل مزيدار آهن.

پلا بي وفا ڪيئن چوان يار تو کي،
جفائون جو تنهنجون وفادار آهن.

مون شهمير سڀ ڪجھ لٽائي ڇڏيو آ،
نماٽيون نگاهون گلوڪار آهن.

بندگي جا اثر تا وڏن هر گهڙي.
ڏوهہ منهنجا پرين تا ڇڏن هر گهڙي.

ياد تنهنجي اچي ۽ ڏئي تي آذان،
سور ساري وضوء تا ويهن هر گهڙي.

آهي نيڻن جي مسجد ۾ هر دم نماز،
لڙڪ منهنجا صفون تا ٻڌن هر گهڙي.

آنءُ ويندس ٻڏي غم جي درياهہ ۾،
درد پائيندا مون کي رهن هر گهڙي.

مرڪ تنهنجي خزان جي آ ٻَل تي چماٽ،
تنهنجي ٽهڪن سان گل تا ٽڙن هر گهڙي

سونهن ڏي تا وجن عشق جا قافلا،
پيار جا پيچرا تا کلن هر گهڙي.

حسن دربار ۾ مون خطائون ڪيون،
سارا اعمال ئي تا ڪنبن هر گهڙي.

اوهان جو اسان کي پلائي ڇڏيو آ.
اسان پاڻ کي ئي وڃائي ڇڏيو آ.

وڏو شهر خوابن جو نيڻن ۾ هو پر،
اياڳن اوجاڳن ڦٽائي ڇڏيو آ.

ڪٿي آنءُ آهيان ڪٿي ساھ آهي،
ڪٿي ساھ آڻي الائي ڇڏيو آ.

پلي هاڻ زلفن جا بادل نہ بيهن،
مون لڙڪن سان صحرا کي پائي ڇڏيو آ.

اهي ئي هئا بس حياتي جا لمحا،
جيڪو وقت تو سان نيائي ڇڏيو آ.

سموريون اميدون مٽي ٿي ويون هن،
حياتي جي درَ کي ورائي ڇڏيو آ.

خوبصورت ناز نيڻن ۾ هئا.
اڻ ڳڻيا انداز نيڻن ۾ هئا.

هڪ اشاري سان جهٽي دل کي ونن،
چڻ ته بحري باز نيڻن ۾ هئا.

عشق ٿيندي ئي عقل ويو ڪم ڇڏي،
حسن جا ڪل راز نيڻن ۾ هئا.

يادگيريون ذهن ۾ جهومڻ لڳيون،
چڻ ته منڙا ساز نيڻن ۾ هئا.

شوخيون، چڙيون، رخا لهجا نه ها،
آزيون ايلاز، نيڻن ۾ هئا.

تنهنجي درشن لاءِ منهنجا خواب ڪل،
روز پڙهندا نماز نيڻن ۾ هئا.

چرچ دل جي هئي تڏهن ظاهر ٿيا،
ايترا ته مجاز نيڻن ۾ هئا.

مون ڏٺا شهمير آهن پيار جا،
ڪيترا ئي جواز نيڻن ۾ هئا.

تون هئين، هيءَ حياتي پي منڙي هئي.
جڻ گلن کان مون خوشبوءِ پڪڙي هئي.

تون رُسي وئين پرين، سچ پڇين ائين لڳو،
زندگي، موت جي جڻ تہ گرڙي هئي.

ذهن گم سوچ ۾ هر گهڙي لوچ ۾،
وقت کاري ۾ جيون بہ کُرڙي هئي.

گڏ رهڻ جي خوشي دل ۾ سانديي رکيم،
ديد ان تي دنيا جي بہ ڪرڙي هئي.

ساهہ جي رڳَ کي ڳنڍ هجي جڻ ڏنل،
بند ڪمري جي جاکون هو درڙي هئي.

ديد درزيءَ بہ مون کي موٽائي ڇڏيو،
ننڊ نيڻن جي اهڙي تہ ادڙي هئي.

اجورو ڏي خدا مون کي هتي ٿورو ثوابن جو.
ملي محبوب ڳل لائي ڇڏي پردو حجابن جو.

گهريون مرڪون مليا ڳوڙها اکين جو جهول پرجي ويو،
سفر ڪيڏو ڪٺيو آهي ڏکيو نيڻن خوابن جو.

شهر جي ٻاهران جوڙي ڪچو گهر پيي نہ سگهيس مان،
هي صحرا ۾ اڏيو آ گهر الائي ڪنهن گلابن جو.

مٿان ڪوئي ڇپر ناهي حياتي جڻ پڌر آهي،
قهر ڪڙڪيو وري دل تي جدائي جي عذابن جو.

الائي ڪيترن جا ٻار گهر لوڙهي ويو آهين،
نہ ڏيجان! سنڌ کي سنڌو وري تحفو سيلابن جو.

دنيا جي وڻ تي پانيان ٿو حياتي ماڪ جو قطرو،
اهو مقصد ٿيو ظاهر هتي سيني خطابن جو.

خدا جي نور هوندي پيي گذاري ٿو ڪو اوندهہ ۾،
ڏسان ٿو منهنُ ڏهاڙي مان هزارين آفتابن جو.

مظلوم جي پارت تي.
معصوم جي پارت تي.

او باھ حسن واري،
دل موم جي پارت تي،

جو چئي نہ سگهيس توکي،
مفهوم جي پارت تي.

مان پيار جو طالب هان،
محروم جي پارت تي.

ربَّ پاڪ جتي ڪاٿي،
هن قوم جي پارت تي.

شهمير مئل آهي،
مرحوم جي پارت تي.

ساٽا ساٽا نيڻ مزوري ڳولهن تا.
لڙڪن هاٽا نيڻ مزوري ڳولهن تا.

ماٺهن جي جهنگل ۾ سارا خواب ڪٽي،
هاءِ اياٽا نيڻ مزوري ڳولهن تا.

رات ۾ خالي پيٽ سنڌو ۽ ڪينجهر جو،
ان جا داٽا نيڻ مزوري ڳولهن تا.

جاڳي جاڳي دير سُتس ننڊ پيي نہ ملي،
پوءِ بہ نماٽا نيڻ مزوري ڳولهن تا.

درد اڏيندا جهوپو منهنجي دل اندر،
موڪل ماٽا نيڻ مزوري ڳولهن تا.

دم دلاسا دڙڪن ۾ ئي ويڙهي ڏي،
منهنجا راٽا نيڻ مزوري ڳولهن تا.

هن بہ حياتي ڏئي ڏئي آخر موت ڏنو،
ڪر نہ پڇاٽا نيڻ مزوري ڳولهن تا.

هٿ ادب جا ٻڌي، مون رکي جهول ۾.
پيار آڏو اچي، هر خوشي جهول ۾.

يار دڙڪن جا ٽانڊا نہ رک موٽ ۾،
قرب جي تون بہ ڏي ڪا ذري جهول ۾.

مون وجائي ڇڏي سڀ اوهان جي ڪري،
جيڪا "دنيا" دنيا جي هئي جهول ۾.

ڏور آهين تہ گجگوڙ سان ٿي هلي،
منهنجي نيڻن جي سنڌوندي جهول ۾.

ڪين شهمير جي ٻي ڪا ميراث آ،
ياد تنهنجي آ ۽ شاعري جهول ۾.

شام پاڇي جئين لڙي وئي زندگي.
مسئلن ۾ آ اڙي وئي زندگي.

جا گلن جي تازگيءَ جهڙي هئي،
هاءِ رسمن ۾ سڙي وئي زندگي.

ظلم نگريءَ ۾ نندي هڪ نينگريءَ جي،
جهور پوڙهي سان جڙي وئي زندگي.

سپ چڏي تو وٽ پرين آيو هئس،
تو وٽان پيي پر تڙي وئي زندگي.

تنهنجي نهڪر سان ملي وئي خاڪ ۾،
جيڪا محنت سان گهڙي وئي زندگي.

شهر جي ويران قبرن کي ڏسي،
زهر جئين ٻڄي ڪڙي وئي زندگي.

تو چڏيو تنهن جي ڪري منهنجا پرين،
درد_رستن ڏي تڙي وئي زندگي.

مون کي تنها ڪري ويو جاني.
خواب پرزا ڪري ويو جاني.

هڪڙو خوشين جو نينڊڙو گلشن هو،
سو بہ صحرا ڪري ويو جاني.

مرڪ ماري دفن ڪري منهنجي،
لڙڪ جيئرا ڪري ويو جاني.

مرچ ڳالهين جا چو وجهو ٿا جي،
زخم گهرا ڪري ويو جاني.

مون چيو تو سوا مري ويندس،
پوءِ بہ نخرا ڪري ويو جاني.

ڪيڏا شهمير هن حياتيءَ لئہ
پيدا خطرا ڪري ويو جاني.

جو ڏک ڏئي هو ڪلندو، سوئي مزار تي.
اڄ گل رکي ويو ٻاڙها، روئي مزار تي.

جيون جي پيچرن تي ڪندا ڦٽي پيا،
زخمي وجود پهتو پوئي مزار تي.

پنهنجي اکين جا ڪوسا ڳوڙها اگهي اگهي،
آلي ڪري چڏيائين لوئي مزار تي.

بيمار هو ته طبيعت هن ڪان پڇڻ نه ويو،
گذري ٿو جنهن جو وقت سڄو ئي مزار تي.

جيڪو وٺي ويو هو ڪلهه زندگيءَ طرف،
رستو وٺي اهو آيو ئي مزار تي.

ٻئي هٿ ٻڌي ڏٽيءَ ڪي ۽ چار قل پڙهي،
بخشي پري ٿو سڏڪا ڪوئي مزار تي.

ڪنهن بي وفا ڪي ساري هڪ ٻي قبر چيو،
ٻاري هان ڪاش! ڪو ڏيئو ئي مزار تي.

هن جي مرڻ پڇاڻان هن سان وفا ڪري،
پنهنجون جفائون ڇڻ ٿو ڌوئي مزار تي.

ڳاڙها، ڳاڙها، شباب پاڻيءَ ۾.
آيا ترندا گلاب پاڻيءَ ۾.

سوال هي آ تہ زندگي ڇاهي،
جي مليا سي جواب پاڻيءَ ۾.

تون ملين وئين تہ مون ڇڏيا اڇلي،
هاڻ سارا خواب پاڻيءَ ۾.

پاڻ ڪان پيي ڳرا نصابي هن،
ڪوڙ اڇليا ڪتاب پاڻيءَ ۾.

لوڪ جا سپ گناهہ پيي تريا،
منهنجا سارا ثواب پاڻيءَ ۾.

هڪڙي ميهار لئہ سنا سهڻيءَ،
هاءِ ڪيڏا عذاب پاڻيءَ ۾.

مان تہ دنيا ۾ يار پيارا تنها ٿي ويو هان.
تنهنجي وئي کان پوءِ تہ بلڪل صحرا ٿي ويو هان.

منهنجي جيون جون ڪل خوشيون ٻڏيون سهڻيءَ جيان،
لهرون لهرون درد ڏنا تو دريا ٿي ويو هان.

يادون مرڪون خواب سمورا مون کان وڇڙي ويا.
لڙڪ قطارون ۽ اوچگارون سڏڪا ٿي ويو هان.

جيون سارو اس ۾ گذريو ڪنهن بہ نہ ڇانوَ ڪئي،
پاڇا ڳولي ڳولي مان خود پاڇا ٿي ويو هان.

ڇوڏاري رنگين خوشين جا ٽڙندا گل ڪي ها،
اڄ مان توهر بڻجي ڪيڏا ڪنڊا ٿي ويو هان.

حيرت مان ڪاڏيءَ تي هٿ ڏئي مون ڏي گهوري تو،
ويرانو سوچي تو ڪيئن مان ڪتبا ٿي ويو هان.

بي ترتيب هوا ۾ اڏري لغڙ جيئن شهمير،
جيون واري ڏور کان ائين مان ڪاٽا ٿي ويو هان.

پيار وارن کي چا کندا ماڻهو.
چنڊ تارن کي چا کندا ماڻهو.

سونهن کڏهن فنا نہ ٿيڻي آ،
گل، بهارن کي چا کندا ماڻهو.

نينهن ناهي ندي جو روڪيندا،
آبشارن کي چا کندا ماڻهو.

قدرتي رنگ ئي نرالو آ،
شاهڪارن کي چا کندا ماڻهو.

ٿا سڙن ساڙ جي شرارن ۾،
پر شرارن کي چا کندا ماڻهو.

پيار شهمير جي وسي پوندو،
پوءِ ملهارن کي چا کندا ماڻهو.

تون بہ ڏس زندگي فقيرن جي،
ڇا نہ آ بندگي فقيرن جي.

شهر جي شور کان گھڻو ٻاهر،
آهي هڪ جھوپڙي فقيرن جي.

ماڳ هڪڙي جا ڪوڙ رستا هن،
ڏس تہ منزل اچي فقيرن جي.

ڄاڻي اسرار پوري عالم جا،
ٿي ڏئي دوستي فقيرن جي.

عڪس صدين جا تون ڏسي وٺندين،
آ، سچي آرسي فقيرن جي.

زندگي ايئن وجي پئي ڳرندي،
جيئن ڳري گودڙي فقيرن جي.

پيار سان پيار ڪر نہ ڪر ڪاوڙ،
ڳالهہ آ سادڙي فقيرن جي.

هٿ ڇڏايئي دوستيءَ جو رنگ پيلو ٿي ويو.
يار منهنجي زندگيءَ جو رنگ پيلو ٿي ويو.

تِر برابر مرڪ ناهي، لڙڪ هاڻا ڳل ڏسي،
منهنجي آڏو درسنيءَ جو رنگ پيلو ٿي ويو.

ديد ڦيرايم دنيا ۾ هر ڏهاڙي ڪاڄُ هو،
مون لئه ليڪن هر خوشيءَ جو رنگ پيلو ٿي ويو.

لانوَ لهندي عصر ويلي پنهنجو پوڙهو ورُ ڏسي،
هڪ نويلي نينگريءَ جو رنگ پيلو ٿي ويو.

هن بسنتي مند ۾ پِي چو هوا سوچي نه ٿي،
گوري گوري ڇوڪريءَ جو رنگ پيلو ٿي ويو.

هو وڇوڙو زهر قاتل منهنجي رڳ رڳ ۾ لٿو،
جنهن ڏنو تنهن اجنبيءَ جو رنگ پيلو ٿي ويو.

هڪ تصوّر پيار جو توحيد ٿو بڻجي پوي،
ٻيو جو آيو بندگيءَ جو رنگ پيلو ٿي ويو.

تو نه ورجايا ڪڏهن پِي تنهن ڪري شهمير جا،
شعر شاهد، شاعريءَ جو رنگ پيلو ٿي ويو.

يار منهنجي زندگيءَ جو سچ لهندو.
پوءِ تنهنجي بي رخيءَ جو سچ لهندو.

درد جو دل ۾ وڏي اونداهه ويندو،
تو بنا هر هڪ خوشيءَ جو سچ لهندو.

تاءُ ٽيندو تيز ۽ پوءِ هوريان هوريان،
نيٺ آخر روشنيءَ جو سچ لهندو.

جهوپڙيءَ جي پر ۾ سچ رهندو ته آهي،
ڪو نه ڪڏهن جهوپڙيءَ جو سچ لهندو.

حل رڳو ٿي روزگاريءَ جو مسئلو،
ڪوڙ سارو خودڪشيءَ جو سچ لهندو.

زندگي گيت هڪ نرالو آ.
هر پهر جنهن جو هو جمالو آ.

ڪوڙ ڪلفت حسد ٻه اوندهه آ،
پيار سچ، نينهن هڪ اجالو آ.

درد جڻ جونِ جهڙي اُس آهي
سک ته جڻ ڏينهن ڪو جهڙالو آ.

سانت جڻ سوال نا اميديءَ جو،
پيار جڻ مرڪ جو حوالو آ.

گفتگو هن جي شاعري جهڙي،
ماٺ هن جي ٻه جڻ مقالو آ.

دل جي دفتر جا نيڻ در آهن،
ننڊ نيڻن جو جڻ ته تالو آ.

سو ته ماٺو نه ماٺيپي ۾ آ،
پيار ڪان جنهن جو پاند پالو آ.

مون ڏٺي هڪڙي مرڪ لڙڪن ۾.
چا ڏسان! سارا لڙڪ لڙڪن ۾.

درد زخمن سان گيت تا ڳائن،
آهِ ٿم ٿم جي ڌنڪ لڙڪن ۾.

ذهن ۾ چنڊ چهرو تنهنجو آ،
هي تذهن آهہ چمڪ لڙڪن ۾.

لوڪ سمجهي ٿو منهنجي روئڻ کي،
آهي تنهنجي جو مهڪ لڙڪن ۾.

دل کي مون روڪيو، نہ روئي ٻوڙي،
سڀ اميدن جا مُلڪ لڙڪن ۾.

هاڻ هر وقت ٿو پيو سوچيان،
آڻجي ڪئين رنڊڪ لڙڪن ۾.

منهنجون اکيون ڏسن ٿيون محبوب خواب ڏاڍا.
مون کي ڏئي رهيو آن سهڻا گلاب ڏاڍا.

منهنجا سوال هيٺا، تنهنجا جواب ڏاڍا.
منهنجا گناهه ڏاڍا، تنهنجا ثواب ڏاڍا.

دل کولي توکي سهڻا پنهنجي مان دل جون ڳالهيون،
سوچيان ٿو ڪئين ٻڌايان تو کي نقاب ڏاڍا.

مون کي ايئن لڳي ٿو هي نينهن مينهن آهي،
منهنجي حياتي صحرا تو کي حجاب ڏاڍا.

ڪيڏو عجب لڳي ٿو منهنجي ڪتاب ۾ ئي،
منهنجو آ نانءُ واريل تو کي خطاب ڏاڍا.

اسان کي به ايڏو نه بيوس ڪيو.
ستم بس ڪيو، بس ڪيو، بس ڪيو.

اجا چاه چمڪڻ شروع مس ڪيو.
اوهان روڪيو، بس ڪيو بس ڪيو.

زخم ڪل ختم ٿي وڃن جيڪڏهن،
اسان جي به زخمن کي شابس ڪيو.

نصيبن کي زلفن جي ڪا ڇانوَ ڏي،
هي مقدر تي ڇو ٿا يڪو اس ڪيو.

هي خاموش محبت ٻٽي لوه آ،
پرين پنهنجو اظهار پارس ڪيو.

گلابن جا ڳوڙها اگهي وئي هوا،
اسان جي ئي لڙڪن لئه آرس ڪيو.

ڇڏيو عشق جي آسمان تي وڃئون،
توهان ڇو پيا بند هرگس ڪيو.

ڏنو مون يار سپني ۾، ڪيو سي پيار سپني ۾.
حياتي پرڪشش سپنو مگر بيڪار سپني ۾.

اسان هيراڪ رستن جا اسان جو پنڌ سان پالو،
پلي چوڌار ڪا بيهار تون ديوار سپني ۾.

ڏهاڙي اڻ ڳڻيا مون ڪي ستارا رات آچي ٿي،
حقيقت ۾ ڏسان ٿو هي سڄو سنسار سپني ۾.

مون پنهنجي ننڊ ڪي آهي چئي ڇڏيو هي سختيءَ سان،
ڏئي وڃ جاڳ اڳ ۾ پوءِ پلي تون مار سپني ۾.

دنيا ڪي آئي اورانگهي اسان جي سوچ ڪاهوڙي،
پرين هيءَ جستجو ڪيڏي هئي هوشيار سپني ۾.

جڏهن پيي مان مليس تو سان، تہ توسان ساڻ هوندو هو،
چڱو ٿيو ويو مري انڪار ٿيو اقرار سپني ۾.

مون کي واپس جو چئني ڦاٽل ملي.
ايئن لڳو ڄڻ زندگي ڦاٽل ملي.

درد ويڙهي سڀ ڪلهي تي مون ڪنيا،
ڪا نہ ڪائي ٻي خوشي ڦاٽل ملي.

ڳنڍ ڏئي، ٽوپو ڏئي، مون پئي ڳنڍي،
دوستن ڪان دوستي ڦاٽل ملي.

منهنجي احساسن تي رهڙون ٿي لڳيون،
هن وٽان جو شاعري ڦاٽل ملي.

خواب هڪڙي ساڀيا پويان ڊڪيا،
ساڀيا جي ڪٿ ذري ڦاٽل ملي.؟

هن وڇوڙي جي ڦٽي ڪاهيءَ ڪيو،
پوءِ تہ بس ڏرتي سڄي ڦاٽل ملي.

هڪڙو چهرو مون ڪان مور نہ وسري ٿو.
دل تي چٽجي ويو آ هاڻ نہ اتري ٿو.

هن جون اکيون نيريون گهريون سمنڊ جيان،
گهوري سڀ ڪي ٻوڙي ڪير نہ نڪري ٿو.

منڙا منڙا لفظ ملائم لهجي سان،
ڳالهائي ٿو چنڊ چوڏهين جو ايري ٿو.

مرڪي ڏسندو آهي ايئن لڳندو آ،
ڪاچ لئہ چڻ ڪو سنڌي ماڻهو سنيري ٿو.

هن جو هر هڪ ٽهڪ مسيحا هوندو آ،
ڳالهائي تہ بهار خزان مان نڪري ٿو.

سياڻي پرين سان چريو چاھ منهنجو.
رڻل سان سدائين رهيو ناھ منهنجو.

حياتي جي معنىٰ پئي قيد ۾ آ،
پڃر جي جسم ۾ پيل ساھ منهنجو.

اڪيلو ئي آيس تتي ڏينهن ۾ مان،
نه پاڇو ئي بڻيو آ همراھ منهنجو.

اندر ئي اندر ۾ پڪون ڏئي ڪران ٿو،
خطرناڪ غم جو آ درياھ منهنجو.

حياتي سڄيءَ ۾ محبت ملي شل،
وڇوڙو ٿو ڳاهي پيو ڳاھ منهنجو.

اندر ۾ هي شهمير حسرت رکان ٿو،
ڪري فيصلو شل ڪو الله منهنجو.

ٽڪل اکين ۾ هجوم سپنن جو رات ترسيو.
ايئن لڳو ڄڻ مدت کان پوءِ ٿر ۾ ڪکر ڪو برسيو.

اوهان جو مرڪڻ پرين منهنجي لئہ مسيحا بڻيو،
۽ نينهن نياپو اکين مان مون کي اوهان جو مليو،

اوهان جي پهچڻ سان دل جو در پاڻ بند ڪيو هو،
وري نہ ڪوليم توڙي جو هر هر پئي هو ڪڙڪيو.

خزان ختم آ خبر پئي آ بهار جي اچ،
گلن ۾ ڪجھ ساھ پئجي ويو آ لکو نہ مرڻيو.

پرين جي ديدار لئہ ڏنو چنڊ تہ ڪو مسافر،
رولاڪ بادل جيان اوهان جي شهر ۾ پٽڪيو.

چڱو ٿيو جو نوان ڪانڊيرا ڦٽا پٽن تي،
ملهار مند ۾ اچي ٻاٻيهو ڪو تڙ تي تڙڳيو،

مئي پڄاڻان پرين تون ڏسجان ٻيا بہ ڏسندا،
اوهان جا خط ۽ اوهان جا فوٽون اسان جو ورثو.

هڪڙي تاريخ سڏيندي آهي.
منڙي تاريخ سڏيندي آهي.

مس نہ آيو آن نہ وچ، ويهہ گهڙي،
چنبڙي تاريخ سڏيندي آهي.

تو بنا منهنجو حال کهڙو آ،
سنهڙي تاريخ سڏيندي آهي.

سست رفتار سان نہ کر محبت،
تکڙي تاريخ سڏيندي آهي.

آ هلي آءُ، مون کي ميڙي وچ،
کندڙي تاريخ سڏيندي آهي.

ڪجهہ نہ ڪجهہ مونکي تون سنوار منا،
اجڙي تاريخ سڏيندي آهي.

مان وجان ٿو قلم کٽي هن ڏي،
ننڍڙي تاريخ سڏيندي آهي.

رات کائي پئي اڪيلائي.
هن جي تصوير ڳل ڪٽي لائي.

چنڊ جي روشني سوا تنهنجي،
ايئن لڳي جونِ جي جيئن تائي.

شاعري، آنءُ ۾ قتل ڪمرو،
هوءَ نہ آئي نہ ننڊ ئي آئي.

هن چيو هو تہ آنُ تنهنجي هان،
دل سندم جملي ان ئي همٿائي.

مون اجا ننڊ ئي نہ ڪئي هوڏانهن،
صبح آذان ٿي، مٿان آئي.

ياڳ منهنجي جي رات آ ساڳي،
باک هوڏانهن ڪڍي آ لالائي.

ڏٺا هن خواب چند جهڙا ڪجن چانداڻ جون ڳالهيون.
هلي آ تون پرين تون سان ڪيان سرهاڻ جون ڳالهيون.

خبر ناهي الئہ ڪهڙيون ڪندو آ سج هوائن سان،
صبح سان، شام سان، ڪينجهر ڪنڌيءَ ڳاڙهاڻ جون ڳالهيون.

اندر جي سمنڊ ۾ جيڪو ڪري ٿو ڇوڙ دل رستي،
اڪين مان موج مستيءَ سان انهي مهراڻ جون ڳالهيون.

جتي ٿي چار ماڻهو ٿا ويهن اڪثر ڏسان ٿو مان،
اهي ڏک واري لهجي ۾ ٿا ڪن مهراڻ جون ڳالهيون.

گهٽي عرصي ڪان پوءِ سهڻا چمن ۾ ڪي ٽڙيا گل هن،
ٻڌي پهچي ڪيون موسم اچي پيلاڻ جو ڳالهيون.

جڏهن چاهت جي ٻيڙيءَ ۾ محبت موج ماٽي پئي،
وڇوڙن جون وڏيون طوفان سان ڇڪتاڻ جون ڳالهيون.

مري راڪاس ويندو آ حياتي موٽي ايندي آ،
جڏهن ٽر تي ڪندو آ ڪو ڪڪر آلاڻ جون ڳالهيون.

اهو ئي عشق او شهمير ڏاهن ڪي منجهائي ٿو،
ابوجهن ڪي ٻڌائي ٿو وري ڪي جاڻ جون ڳالهيون.

بي وفا سان وفا ڪندو آيس.
فرض سمجهي ادا ڪندو آيس.

ڏار ڪڏهين پرين نہ ٿيجان تون،
مان اها التجا ڪندو آيس.

پاڻ ئي عشق جي اڳڻ آيس،
پاڻ کي ئي منع ڪندو آيس.

مون تہ سمجهي وڏي عبادت آ،
سونهن تنهنجي ثنا ڪندو آيس.

نيٺ ٻيڙو بہ ٻوڙيو ان ئي،
جنهن کي مان ناخدا ڪندو آيس.

مون کي سيني ڏنو پي حيرت مان،
غم جي غم سان دوا ڪندو آيس.

لڙڪ منهنجا ڏسي هو خوش ٿيندو،
نيڻ پنهنجا پنا ڪندو آيس.

هن هزارين ستم ڪيا شهمير،
مان تہ پوءِ پي دعا ڪندو آيس.

خوبصورت لڳل هئي ميندي،
تنهنجي هٿ تي هنيل هئي ميندي.

ويس ڳاڙهو خوشي خوشي پاتئي،
تنهنجي خوابن_رچيل هئي ميندي.

چوڙين ۾ چمڪ ڏنڪ پهتي،
رنگ ۾ اڄ رتل هئي ميندي.

هر خواهش قتل ٿيل آهي،
منهنجي رت سان ٻنل هئي ميندي.

هاءِ قسمت عجيب آ ڪاري،
ڪو نه پنهنجي لڪيل هئي ميندي.

آنءُ ويران ٿي ويو آهيان،
ياڳ منهنجو سڙيل هئي ميندي.

تون مٿي ڪي هٿي پوءِ پهتي آن،
منهنجي ڏاڙهيءَ پيل هئي ميندي.

اکين منجهہ خوابن کي پوکيان پيو.
کلر ۾ گلابن کي پوکيان پيو.

پرين تنهنجي رنجش جي جهرجهنگ ۾،
مان بن ٿن جوابن کي پوکيان پيو.

نئين سر سوالن جي پٽراوَ ۾،
مان نازڪ جوابن کي پوکيان پيو.

هجي علم جي روشني ذهن ۾،
مسلسل ڪتابن کي پوکيان پيو.

اجا بي وفا سان ڪري پيار مان،
اٽاگهن عذابن کي پوکيان پيو.

گناهن جي گپَ ۾ تہ شهمير مان،
ڪري وس ثوابن کي پوکيان پيو.

لڙڪن جو وسڪار حياتي ٻوڙي ويو.
تنهنجو هڪ انڪار حياتي ٻوڙي ويو.

ڪنهن کي پيار لڳايا گل ڦل باغ ٻٽيو،
منهنجي قسمت، پيار حياتي ٻوڙي ويو.

ڪاري رات ڪُنن سان جهيڙو عشق ڪيو،
سهڻيءَ جي ميهار حياتي ٻوڙي ويو.

ڪوڙو هو الزام ۽ ڪوڙو جرڳو هو،
وينگس جي سردار حياتي ٻوڙي ويو.

آخر تائين خوب تجسس حاوي هو،
ناول جو ڪردار حياتي ٻوڙي ويو.

رنج پوڙهو پيو ٿو سگهي اس تي.
درد ٻوڙو پيو ٿو سگهي اس تي.

پاڻ آهيون پرين پيار جي ڇانوَ ۾،
پاڙُو اوڙو پيو ٿو سگهي اس تي.

هر ڪو جايون ڏئي ٿو مني کي منا،
ماٺو ڪوڙو پيو ٿو سگهي اس تي.

ناڪئو ڪو هجي جو سفر تي هلي،
يڪ تي ٻيڙو پيو ٿو سگهي اس تي.

آ مُهڙ ۾ مُهڙ خوب پاٽي ڪنيو،
آخري ڇيڙو پيو ٿو سگهي اس تي.

لوڪ ديوار جيڪا ڪڍي وصل ۾،
سو ٻنوڙو پيو ٿو سگهي اس تي.

منهنجي من ۾ جڏهن ڪان خوشي آئي آ،
غم جو ڪوڙو پيو ٿو سگهي اس تي.

سچ! ڪرڻا سمورا سنيالي ڇنج،
هُن جو جوڙو پيو ٿو سگهي اس تي.

تهذيبي ٽڪراءَ جو حامي ناهيان مان.
شيشي تي پٿراءَ جو حامي ناهيان مان.

سرحد جي حد تي ٿو پوکيان پيار پيو،
بارودي ڦهلاءَ جو حامي ناهيان مان.

سهٽي سمجهي ٻوڙي جيڪو سنڌ اجا،
اهڙي پوءِ درياءَ جو حامي ناهيان مان.

سچ چوڻ تان چڙي وڃهو پل گهاٽي ۾،
هرگز ڪنهن انياءَ جو حامي ناهيان مان.

خوشيون پنهنجي لاءِ سنڀالي ۽ ٻئي کي،
ڏک ڏيندڙ فقراءَ جو حامي ناهيان مان.

دل سان چاهڻ وارا دل سان پيار ٻہ ڪر،
مصنوعي پرچاءَ جو حامي ناهيان مان.

تنهنجي نيڻن جي راهه ۾ آهيان.
دل جي منزل جي چاهه ۾ آهيان.

دل گهڙو مان ڪري گهڙِيو آهيان،
سونهن تنهنجي درياهه ۾ آهيان.

عشق جي مون اڇي چمي چائٺ،
ڪو نه هاڻي گناهه ۾ آهيان.

هن پسايو قلندري جلوو،
مست هن جي نگاهه ۾ آهيان.

شل ائين خوش زمانو تي سارو،
خوش جيئن آنءُ ناهه ۾ آهيان.

زندگي موت جو هيو پاڇو،
سچ پڇيو مان گواهه ۾ آهيان.

ٽيڪ پيتِ ڪي ڏئي هو سوچي ٿو.
موڪلائي نہ وئي هو سوچي ٿو.

پاڻ نازڪ مگر چا! دل هن جي،
پنڊ پاهڻ هئي هو سوچي ٿو.

پنهنجو سڀ ڪجھ لٽائي هن جي لئہ
مون چريائي ڪئي هو سوچي ٿو.

اڳ وجڻ کان گلاس ۾ جيڪر،
وهہ وجي ها ڏئي هو سوچي ٿو.

پيار منهنجو اڇو ۽ اجرو هو،
ڪنهن وڏي آہ رئي هو سوچي ٿو.

شعر لکندو ائين ئي هو شهمير،
هاڻ ڪيڏو ائِي هو سوچي ٿو!

هوءَ چوري اکين ۾ چڏي تي وجي.
لڙڪ زوري اکين ۾ چڏي تي وجي.

مان سچو ڏينهن بيهي ڪيان انتظار،
جيڪا موري اکين ۾ چڏي تي وجي.

خواب چيپاتجي تا وجن جيڪڏهن،
ڳالهه ڳوري اکين ۾ چڏي تي وجي.

لڙڪ نٽين ڪي هر دم ڪَتن تا پياء
ياد ڪوري اکين ۾ چڏي تي وجي.

ننڊ استور تان آنءُ آٽي رڪان،
جاڳ چوري اکين ۾ چڏي تي وجي.

هوش منهنجو جڏهن هوش ۾ تو اچي،
ڪيپ گوري اکين ۾ چڏي تي وجي.

پيار سان ڏئي مِني هو وسائي نہ تي،
باهہ پوري اکين ۾ چڏي تي وجي.

تنهنجي پرچڻ کان اڳ واري تنهائي،
تنهنجي وئي کان پوءِ وري پيي کم آئي.

تنهنجو پيار بہ سطحي پيار هيو پيارا،
منهنجو عشق ونئي ويو آخر گهرائي.

اوسيئڙي جو لمبو پاڇو تي ويو آ،
جيون جي پيي سج آندي آ پيلائي.

تو تہ اسان کي جيئڻ قابل کو نہ ڇڏيو،
ءُ نہ وري کا مرڻ ۾ ڏين تو سولائي.

هڪڙو خواب اجا پيي جيئرو رکندو آ،
هونئن تہ جيئڻ جهڙو ناهيان هرجائي.

سيئي تصويرون ٿيون جاڳن البم ۾،
هڪڙي هڪڙي آهِ پرين مون اٿلائي.

ميڊيڪل اسٽور تان ننڊ خريديم پر،
ساري رات گهڙي بہ نہ هڪڙي ننڊ آئي.


اکڙين جي پاڪرڻ (شاعري)
شهمير سومرو
سرسوتي پبليڪيشن لاڙڪاڻو
Title : Rizwan Gul
شهمير جي شاعريءَ جون ڪوڙ ستون، ستن جو فڪر ۽ تاڃي پيٽو، اظهار
جي بي ساختگي ۽ اسلوب ٻنهي پنهنجا آهن. هن وٽ شاعريءَ جو پڪي
فڪر جي جن اوچائين تان اچي ٿو هو ان کي اڻ ٽي سگهي سان جهٽڻ جي
ڪوشش ڪندو رهي ٿو سندس اظهار ڪمال جو آهي.
عبدالغفار تبسم
شهمير سومرو علم عروض تي ڪافي عبور رکي ٿو، سندس غزل جا نرالا
رديف آهن جيڪي سندر قافين سان ملي انوکو حسن پيدا ڪن ٿا.
دلڪش استعارا، تشبيهون، مرڪب لفظ ۽ خيال ستارن جيان سندس
شاعري ۾ جرڪن ٿا.
سعيد ميمڻ
شهمير سومرو جي غزلن ۾ سادگي، معصوميت، پيار جي اجرائي، گل جي
مهڪ وانگي پڌري آهي. فلسفن ۾ ويڙهيل ناهي، صوفي ازم جي پچار ٻ
هن جي شاعري جو وڻندڙ رنگ آهي. شهمير جي شاعري کي پنهنجي
احساس جي متي حاصل آهي، ان متيءَ مان جيڪو ٻ گهڙو جڙي ٿو، اهو
چائڻ ۾ رکجڻ جو حقدار آهي.
ايوب کوسو